
# وٽي هر هر جنم وربو



مرتب

حميد سبزوئي

# وٺي هر هر جنم وربو

(قابل احترام قومي ورڪر مرحوم عابد ميمڻ جي زندگيءَ جدوجهد تي تاثر)

مرتب

حميد سبزوئي

جاڙ پبليڪيشن ڪراچي سنڌ

ڪتاب جا حق ۽ واسطا محفوظ.

ڪتاب جو نالو : وٺي هر هر جنم وربو
مرتب : حميد سبزوئي
موضوع : (مرحوم عابد ميمڻ جي زندگي ۽ جدوجهد تي تاثر)
تعداد : ٥٠٠
سال فيبروري ٩٤
ڪمپوزرس : پيس ڪمپيوٽر ڪمپوزرس
ڇپيندڙ : پيس پبلشرس
رمپا پلازا ٥ ماڙ ڪمرو نمبر ١١ بندر روڊ ڪراچي
فون 7766612
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
قيمت: پندرهن روپيا

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| پنهنجي پاران | حميد سبزوئي | 7 |
| وٺي هرهر جنم وربو | آصف بالادي | 12 |
| تنهنجي ياد نہ وسري سگهندي | ڊاڪٽر مير عالم مري | 16 |
| سامي سفر هليا | جي- ايم- ٻگٽ | 20 |
| گمنام سپاهي | منصور خاصخيلي | 25 |
| هن جو نالو لکو | اعجاز منگي | 27 |
| جان جان هئي جيئري ورچي نہ ويٺي | مصعود لوهار | 33 |
| ڪالم/ ڪهاڻي | طارق عالم ابڙو | 35 |
| آدرشي نوجوان | ذوالفقار ٻرڳڙي | 37 |
| هڪڙو ماڻهو پيارو ماڻهو | ڊاڪٽر عبدالغفار وسنداڻي | 40 |
| آئي تنهنجي سار | نواز خان زئور | 43 |
| سندس ٻاريل لاٽ شال نہ اجهامي | محمد يوسف جويو | 46 |
| اوهين ياد آيا تہ ڳوڙها ڳڙي پيا | صاحب خان نوحاڻي | 48 |
| مرحوم عابد ميمڻ لائبريري- (هڪ تعارف) | نورل جويو | 50 |
| تون ننڊ ۾ تون جاڳ ۾ | الطاف ميمڻ | 53 |

# پنهنجي پارن

مان الائي ڇو اڄاتائين هميشہ لاءِ وڇڙي ويل ساٿين/ پيارن دوستن تي ڪو بہ تاثر، ڪو بہ نظم، يا ڊائريءَ جو ورق لکي نہ سگهيو آهيان، نہ عابد ميمڻ تي، نہ عرفان مهدي تي، نہ نظير شهزاد بڙدي تي ۽ نہ عبدالله سمون تي، حالانڪہ حياتيءَ جي هن روان دوان سفر ۾ (جتي ماٺهو پنهنجو پاڻ ڪي بہ وساري ڇڏي ٿو) هي دوست باربار ۽ تمام گهڻي شدت سان ياد ايندا آهن ۽ ڪوڙ ڀيرا چاهيو اٿم تہ مٿن ڪوئي تاثر، نظم، ڊائري جو ورق لکي پنهنجو فرض بہ نڀاهيان ۽ انتهائي شدت سان چڀندڙ ضمير جي پڇائي کان بہ آزاد ٿيان، پر اڄ تائين پنهنجي ذهن ۽ ضمير جي، ڪٿهڙي ۾ پاڻ کي ڏوهي پائيندي بہ پنهنجو فرض نہ نڀايو اٿم.

اڄ پياري عابد تي محبتن ۽ احترام سان ڀرپور ہہ- تي سٽون لکڻ وينو آهيان تہ سوچان ٿو تہ ان تي ڇا لکجي؟ جنهن کي وقت ايتري وٿي ئي نہ ڏني جو پنهنجي هنڙ جو اظهار ڪري سگهي، هو تہ زندگيءَ جي عاشقيءَ واري اسٽيج ۽ بهارن جي مند ۾ ئي اسان کان اوچتو هٽ لوڏڻ ۽ موڪلائڻ بنان هليو ويو، ۽ تاريخ جي پيچري تي پنهنجن قدمن جي هلڪن نشانن کي وڏيڪ گهرو ڪري سنگ ميل بنائڻ کان بہ پهرين اوچتو ڪنهن اجنبي دوست جي سنگت ۾ اسان کان ڏور، ڪنهن ڏوراهين ڏيهہ هليو ويو ۽ مان اڄ ويهي سوچيان ٿو تہ تاريخ ۾ شخصيت جي تڪميل لاءِ وڏي ڄمار جو هئڻ ڪيترو نہ ضروري آهي.!

عابد ميمڻ اسانجي قومي جدوجهد جي انهن ٿورڙن ورڪرن مان هو جيڪي عظيم آدرشن لاءِ سڀ ڪجهہ ارپي ڇڏيندا آهن، پنهنجي ذات، پنهنجون اناڻون، پنهنجا عشق ۽ ٻيو گهڻو ڪجهہ. سياسي سفر جي لاهن چاڙهن ۾ جڏهن اسان گهٽ تجربي، عمر، تعداد ۽ چاڻ هوندي پنهنجي تنظيمي علحده سفر جو آغاز ڪيو تہ اسان کان ننڍي عمر جو هوندي بہ،

هڪ ورڪر هوندي به اسان کي اتساهہ ڏياريندو هو، نصيحتون ڪندو هو، ”يار گهٻرايو نہ، مايوس نہ ٿيو، اسان توهان سان گڏ آهيون ۽ سڀ مسئلا حل ڪري ونندا سين“ هو ڪڏهن به تذبذب جو شڪار نہ ٿيو تہ ڪنهن جو ساٿ ڏجي، مون ان زماني ۾ هڪ نظم لکيو هو تہ ”جا تون اسان جو ساٿ ڏيئي سگهندين“، تمام ٿورڙا آهيون اسين، تنهنجي هٿن جي آڱرين جيترا“ ۽ انهن هٿن جي آڱرين جيترن دوستن ۾ عابد ميمڻ بہ شامل هو......

هو هر وقت تڪڙ ۾ هوندو هو... اسڪوٽر هلائيندي بہ تڪڙ ۾ هوندو هو، ڪمري ۾ ويهندي بہ جاڳر نہ لاهيندو هو، ڪم ڪرڻ ۽ فرض نڀائڻ ۾ تمام تڪڙ ۾ هوندو هو. شايد ان کي پتو پئجي ويو هو تہ هن کي ٿورڙي ڄمار ۾ ئي تمام گهڻا ڪم ڪرڻا آهن، ۽ تڪڙ ۾ ئي اسانکان ڏور وڃڻو آهي، شايد تڪڙ ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن جي لاشعور ۾ اهو سمايل هوندو آهي تہ انهن وٽ وقت تمام گهٽ آهي ۽ فرض تمام گهڻا. ۽ عابد کي بہ شايد ان جي خبر هئي، تڏهن تہ هو ايڏو تڪڙو هو....

پرينءَ سان پڪا ڪير ويهي اڏي،
گهڙي لئون لڳائي، هلون ٿا لڏي.
ڪجهہ راهرو نڪري ويا، هر ڪاروان پنڌ ۾ ڇڏي،
منهن تي مٽي، گل جهول ۾، پهتا پرينءَ جي پار ڏي. (اياز)

اسان کي ڪنهن بہ ڪم لاءِ عابد وڏي آٿت ۽ پرڀرجهلو هوندو هو، ڪنهن دوست کي اطلاع ڪرڻو هوندو تہ اها ذميداري بہ عابد تي رکبي هئي، وال پوسٽر ۽ پمفليٽ ڇپائبا هئا تہ ذهن تي عابد جو نانءُ هوندو تہ هو ايندو ۽ هي پوسٽر ڪٺي ويندو، پوسٽر ڪڻڻ ايندو هو تہ تمام گهڻي تڪڙ ۾ هوندو هو ”يار تمام گهڻي تڪڙ ۾ آهيان، پوسٽر ڪٿي آهن“ پوسٽر ڪڻي تڙ تڪڙ ۾ هليو ويندو، بس ڪهڙيون ڳالهيون، ڪهڙيون ڪچهريون؟! اڳ ۾ فرض نڀائڻ ۽ عمل ڪرڻ ئي هنجي ذات جو وزندار پهلو هو. ڪنهن ميٽنگ ۾ ملندو، مسعود لوهار جي ڪمري ۾ ملاقات ٿيندي يا ڪينٽين ۾، تہ مختصر ۽ ضروري حال احوال ڪندو هو، آخر ۾ نماڻي انداز سان چوندو هو ادا مسعود ۽ انعام کي سمجهاءِ، تنهنجا دوست آهن، هو ڪنهن بہ قسم جو ڪم نٿا

ڪن، ميٽنگ تي بہ نتا اچن“ ۽ منهنجو روايتي جملو تہ ها مان انهن سان ڳالهائي ڇڏيندس.“

ان جملي تي ملاقات جي پڄاڻي ٿيندي هئي، هو تہ تمام گهڻي تڪڙ ۾ هوندو هو انهي ڪري هليو ويندو هو......

بس هو قرباني سان ڀرپور بي لوث قومي ورڪر، خوبصورت شڪل شبيهہ ۽ ڪردار جو ڌڻي هو. اهڙو بي لوث ورڪر جيڪي ڪرسيون گڏ ڪندا آهن، اسٽيج ٺاهيندا ۽ سينگاريندا آهن ۽ ان جي پٺيان بيهي رهندا آهن، ۽ ڏسندڙن ۽ ٻڌندڙن کي پتوئي نہ پوندو آهي تہ هي مانداڻ ڪنهن مچايو آهي، پيچ ڊڪ ۽ محنت ڪري ميٽنگون سڏائيندا آهن. ڪارڪنن گڏ ڪندا آهن ۽ پوءِ ميٽنگ ۾ ماڻڙي ڪري ڪنڊ وٺي ويهي رهندا آهن.... ۽ سڄي سڄي رات چاڪنگ ڪري، پوسٽر هڻي، انهن ڪورهاڻن هٿن سان ٺي سمهي پوندا آهن....،

عابد ميمڻ عاشق جيوڙو بہ هو. پهرين مون کان شرمائيندو ۽ لڪائيندو هو پر پوءِ آهستي آهستي سڀ احوال ڪري ڇڏيائين. مان چوندو هو مانس تہ يار اسان تہ جنهن کي جيءُ ڀري چاهيو، محبتون ڪيونسين، خط لکياسين پر جرئت ۽ بغاوت ڪري هڪ ٻئي کي حاصل ڪري نہ سگهياسين، پر تون بغاوت ڪري هن کي ضرور حاصل ڪجان.“

خوش ٿي، کلي چوندو تہ ”توهان جو ساٿ آ نہ.“

”ها بلڪل“ مان وراڻيندو هوس“ هڪ ڀيرو تہ زندگي ملي ٿي ان ۾ بہ ماڻهو جنهن کي چاهي ان کي حاصل نہ ڪري سگهي تہ پوءِ جيئڻ جو آخر جواز ڪهڙو آهي،“ پوءِ عابد جو چهرو ٻهڪي پوندو هو.

هڪ ڀيري ڪراچيءَ ۾ سڪندر جي فليٽ تي عابد، جي ايم ڀڳت ۽ مان ويٺا هجون تہ ائين ٺي محبتن جو ذڪر نڪتو تہ عابد چيو تہ ”يار مون وارو ڪم ٺي نتو ٺئي، اسان ٻنهي کان سواءِ ڪوئي بہ راضي ناهي.“ تہ ڀڳت چاڻي ٺوڪي چيو ”تون ڪورٽ ميريج ڪر، سال ٽائين ڪراچيءَ ۾ رهائش ۽ کاڌي پيتي جي ذميواري مونتي آهي.“ پوءِ تہ عابد گهڻي وقت ٽائين خوش ٿيندو ۽ نندڙن ٻارن جيان ٽهڪ ڏيندو رهيو. هاڻ ساڳيو ڄامشورو آهي،

خوشيءَ جي موقعي تي پاڻ مرادو شدت سان ياد ايندو رهندو.

مون کي انتهائي خوشي ٿي رهي آهي تہ اسان چاڻ پبليڪيشن جو ٿيون ڪتاب مرحوم عابد جي پهرين ورسيءَ جي موقعي تي شايع ڪري رهيا آهيون، بس هي هڪ عقيدت ۽ احترام سان ڀرپور گلدستو آهي، جيڪو سمورن دوستن پاران ڪيس پيش ڪيو وڃي ٿو. پياري عابد جا ٿورا تہ اسان تمام گهڻا آهن شال نيائي سگهون، بلڪل ائين جيئن پاڻ نيائي ويو.

حميد سبزوئي

سيڪريٽري

چاڻ پبليڪيشن ڪراچي، سنڌ

# وٺي هر هر جنم وربو

## آصف بالادي

موت جي باري ۾ شيخ اياز پنهنجي ڪتاب ۾ هڪ هنڌ لکيو آهي ته "موت ڪاري گهوڙي وانگر آهي ۽ پنهنجن سنبن سان زندگيءَ جي سلي ڪي لتاڙي وڃي ٿو، پر ڪي هستيون اهڙيون به ٿين ٿيون جيڪي ان جي سُنبن تي پنهنجو ناءُ اُڪيري هڪ اڻ متجندڙ نشان ڇاهي وڃن ٿيون."

اهڙي ئي هڪ هستي جنهن کي موت جي ڪاري گهوڙي پنهنجي سنبن هيٺان لتاڙي ڇڏيو، پر سندس ناءُ جو اڻ متجندڙ نقش انجي سُنبن تي رهجي ويو، حساس دلين ۽ دماغن تي پنهي يادن جي مهر هڻي ويل اهو ناءُ آهي اسان جو پيارو عابد ميمڻ، جنهن کي ياد ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪندو آهيان بس هو ياد ئي رهجي ويو آهي، تصور جي طاقت سان جڏهن به چاهيان ساڻس ملاقات ٿي ويندي آهي.

مرحوم عابد منهنجي ساٿ ۾ انهن مان هو، جن سان گڏ روئي ۽ کلي سگهبو آهي. جن سان اٿين ئي هجبو آهي جيئن ماڻهو اصل ۾ هوندو آهي. زندگيءَ جي ڪيترين ئي ڏسائن ۾ نظر ڊوڙائبي هئي ته محسوس ٿيندو هو ته عابد به گڏ گڏ آهي. انقلاب جو ميدان، عشق جو ميدان، خدمت ۽ قربانيءَ جو جذبو، حُسن جا ڪيئي رنگ محبتون، نفرتون، دوستيون، دشمنيون، ڪاميابيون توڙي ناڪاميون، هر هنڌ ڪيس ويجهو محسوس ڪيم. سچ پچ ته ايتري عمر ۾ ايترو قابل اعتماد پختو، بردبار، بهادر نوجوان ۽ پرجهلو اڃا تائين پنهنجي پر ۾ بيٺل نه ڏٺو اٿم.

سٺي ۽ خوشحال گهراڻي ۾ پليل هي نوجوان سندس ان پالنا ۽ ماحول جي حساب سان جنهن رعايت يافته طبقي ۽ معاشري جو طرفدار هئڻ گهرجي ها، ان بجاءِ هو پنهنجي غلام ديس جو طرفدار ۽ وڪيل ٿي بيٺو ۽ پنهنجي وطن جي آزاديءَ لاءِ جيڪا تڙپ ۽ بي چيني هڪ باضمير ۽ باشعور انسان

صلاحيتون موجودهيون پر هو اهي ثابت بہ ڪرڻ لڳو هو. اوچتو ئي اوچتو موت هن کي ڪنيي کڻي ويو ۽ اسان سڀ بيوس رهجي وياسين.

سب کہاں، کچھ لالہ و گل میں نمایاں ہوگئیں،
خاک میں کیا صورتیں ہونگی تہ پنہاں ہوگئیں.» (غالب)

سندس جدائيءَ جو ڏک ۽ درد ڪيترين ئي دلين کي وڪوڙي ويو. اسان سيني تہ پنھنجا ڳوڙها وهائي بہ ڇڏيا، پر ڪجھہ ڳوڙها جي رهجي ويا، ۽ هڪ لڙا ڪان اُتي ئي اکين ۾ اٽڪي پيا. انهن اندر ۾ ڪيڏو نہ گھاءُ ڪيو هوندو؟

چون ٿا تہ ذهن ۽ ضمير جا رشتا رت جي رشتن کان بالاتر ٿين ٿا ۽ واقعي اهو سچ آهي. پنهنجي سات ۽ سنگت سان جڙيل سندس ذهن ۽ ضمير جو رشتو اڄ بہ سمورن ساٿين وٽ زنده ۽ مانائتو آهي. هن لاءِ عقيدت ۽ احترام واري جهلڪ سندس سات جي هر نوجوان جي چهري تي پسي سگهجي ٿي، سندس نالو ايندي ئي اها ڪيفيت بہ پنهنجو پاڻ ئي پيدا ٿي پوي ٿي.

3 آڪٽوبر 1970ع ۾ دادو شهر ۾ جنم ورتائين. پرائمري تعليم ماڊل اسڪول سنڌ يونيورسٽي ڪالوني، سيڪنڊري تعليم ماڊل اسڪول حيدرآباد (1985ع) انٽرميڊئيٽ مسلم سائنس ڪاليج حيدرآباد (1987 پري انجنيئرنگ) ۽ 1988 ۾ مهراڻ انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي (اليڪٽرانڪس ڊپارٽمنٽ) يونيورسٽي ڄام شورو ۾ داخلا ٿيس.

1986 ۾ (جساف، سٽي يونٽ سنڌ يونيورسٽيءَ ڪالونيءَ ۾ ميمبر شپ ورتائين ۽ پوءِ (جساف) ضلعي حيدرآباد جو عهديدار چونڊيو ويو.

ٻالڪپڻي کان ئي احتجاجي طبيعت ۽ مزاج سندس شخصيت جو جز هئا، گهڻو ڪري پاڻ ئي ٻڌائيندو هو يا ائين ئي گڏيل ڪچهريءَ ۾ ڳالھہ نڪري ايندي هئي ۽ راشد بہ ان جي تصديق ڪندي ڳالھہ سربستي ڪري ٻڌائيدو هو تہ، جڏهن هو ننڍڙو هو تہ ڪيئن ضد ۾ اچي ڪاوڙجي گھر جي ڇت مٿان بيهي پٿر پريل جهوليءَ مان پٿر هيٺ هڻندو هو. ۽ احتجاج ڪندو هو. سندس ٻالڪپڻي واري انهيءَ احتجاج واري معصوم انداز جي اها ڪهاڻي ڏاڍي مزيدار لڳندي هئي. ڪئي ڀيرا ان جو ذڪر ورجايو هوسين.

ٻالڪپڻي کان نڪري جڏهن وڏو ۽ نوجوان ٿيو تہ وري روڊن تي آيو،

ڪاوڙيو، پتراءُ ڪيائين، احتجاج ڪيائين، تائر ساڙيائين جلوسن جي اڳواڻي ڪيائين وغيره.

پر هاڻي سندس اهو احتجاج ساڳيو ٻاراڻو ضد نہ هو، پر اهو هڪ باشعور، باضمير محب وطن، آزادي پسند نوجوان جو شعوري احتجاج هو، رياستي ڏاڍ خلاف، قومي غلاميءَ واري ذلت ۽ بيعزتي خلاف، هڪ بامقصد عمل ۽ احتجاج.

بهترين ايجيٽيٽر ۽ آرگنائيزر واريون صلاحيتون رکندڙ هي نوجوان ساٿي 22 فيبروري 1993 تي رات جو حادثي جو شڪار ٿي پيو ۽ ساڳي رات تي 2 وڳي ڌاري هي هر دل عزيز نوجوان وري ٻئي جنم تائين اسان کان ڏور هليو ويو ۽ هينئر مٽيءَ جي مٿن هيٺ دادو شهر جي هڪ پاسي سُتل آهي. اسان لاءِ تہ سندس مٽي بہ مانائتي آهي.

هڪ پٽ/ ڀاءُ/دوست/ پريمي ۽ ساٿي جي حيثيت سان هو سيني رشتن ۽ واسطن ۾ هڪ خال ڇڏي ويو آهي. پنهنجي والدين ۽ عزيزن لاءِ پٽ ۽ ڀاءُ جي حيثيت ۾ دوستن لاءِ هڪ دوست ۽ سندن راند مان ڪٽل چوٽين ڪيڏاري طور، پنهنجي پريمڪا لاءِ هڪ پريمي طور ۽ اسان جي ساٿ مان هڪ انقلابي ساٿي طور، منهنجي لاءِ ننڍڙي ڀاءُ طور هوَ جيڪو خال ڇڏي ويو آهي اهو تہ هن کان سواءِ ٻيو ڪير ڀري بہ نٿو سگهي.

"ڀڳي هڏ جيئن سڄڻ ياد پيام" (شاهہ)

شل سندس دکندڙ ياد جو ڏيئو، ڪڏهن بہ نہ اجهامي ۽ اسان جي ذهن ۽ ضمير ۾ ساڻس ڪيل واعدي ۽ وچن جي جوت جلندي رهي، اکين ۾ اڻکيل آزاديءَ جو خواب سلامت رهي ۽ جنم جنم جي قيري ۾ جڏهن بہ ساڻس ملون تہ مياري نہ هجون.

# تنهنجي ياد نہ وسري سگھندي

## ڊاڪٽر مير عالم مري

پيارا عابد!

اهو سومر جو ڏينهن هو. اهو سومر "سهائو" هو الائي نہ- جو اُن کي سياڳو سومر چئجي. پر پڪ سان چئي سگهان ٿو تہ 1993ع جي فيبروري مهيني جي 22 تاريخ هئي. جو آءٌ حيدرآباد ۾ هڪ دوست جي جڳهہ تي وينو هئس، تقريباً ڏينهن جا يارنهن ڪن ٿيا هوندا جو ٻن دوستن (جيڪي تنهنجا بہ دوست هئا تہ منهنجا بہ) اچي تنهنجي مرتبي جي خبر ڏني. "عابد ميمڻ گذاري ويو." سندن چهرا هيسيل هئا. "عابد ميمڻ گذاري ويو؟" مون زور سان رڙ ڪري انهن کان پڇيو "ڪڏهن ۽ ڪيئن." انهن تنهنجي حادثاتي موت جو مختصر احوال ٻڌايو. مُنهنجي مٿان چڻ چپ ڪري پئي هجي. اهي دوست تہ موڪلائي هليا ويا پر مون کي اعتبار ئي نہ اچي. ائين وري ڪيئن ٿيو هوندو؟ ٿوري دير لاءِ عقل ۽ جذبن جو جهيڙو هليو. منهنجي محبت، منهنجن احساسنۦ جذبن جذهن مجڻ کان انڪار ڪيو تڏهن عقل دليل ڏنو تہ چو رستي ويندي حادثاتي موت نہ ٿيندو آهي ڇا؟ ڇا تنهنجي يادگيري ۾ ٻہ واقعا اهڙا ناهن، جن ۾ تنهنجا پنهنجا تو کان جُدا نہ ٿيا هئا؟ ۽ تون ڪجهہ دير لاءِ سڪتي ۾ اچي ويو هئين ۽ جنڪي اڄ بہ ياد ڪري، چانڊوڪي راتين ۾ روئيندو آهين. عقل جي انهيءَ استدلال، منهنجي احساس ۽ جذبن جا هڏ پيچي ڇڏيا ۽ ساٿو تي آئون بستري تي ڪريس. هاڻي ڇا ڪجي؟ ڇاچا ۽ راشد وارا ۽ ٻي سنگت تنهنجي لاش کي ڪٺي ڳوٺ ڏي وڃڻ وارا هوندا، مون کي بہ جلد پهچڻ گهرجي. اهو عقل جو مطالبو هو، جنهن کي محبت تڏي ڇڏيو. ڇا هلي ڪجي؟ ڇا اهو منظر ڏسي ۽ سهي سگهندين؟ نہ آءٌ برداشت ڪري نہ سگهندس.

اڳي، جڏهن روڊ حادثن ۾ منهنجا ويجها ۽ پنهنجا مونکان ائين وڇڙي ويا هئا تڏهن بہ تہ منهنجي ساڳي ئي ڪيفيت هئي. باوجود چاهڻ جي آءٌ

بروقت سنڌن جنازن تي نہ پهتس، جو ايڏي سگهہ نہ پئي ساريم، اڄ بہ اها ساڳي حالت هئي، ۽ آءٌ تنهنجي ڪانڌيي ۾ شريڪ نہ ٿيس ۽ ٻن ڏينهن کان پوءِ تنهنجي ڳوٺ پهتس، تنهنجووالد ۽ ٻيا مائٽ پٿر تي ويٺا هئا ۽ پنهنجي سنگت بہ ڏکاري ٿيو ويٺي هئي، الائي ڇو بنا ڪنهن موسم جي برسات بہ ڏاڍي پئي وئي؟ ٻئي ڏينهن صبح جو ڪجهہ دوستن تنهنجي قبر تائين هلڻ جو چيو، پر منهنجي پيرن هلڻ جو ست نہ ساري هلڻ کان جواب ڏنو. مون دوستن کي چيو تہ توهان ٿي اچو آءٌ پوءِ وچان ٿو. ڇا اهو ڪوڙ نہ هو؟ سچ تہ مون دوستن سان ڪوڙ ئي ڳالهايو، مون دوستن سان گڏ، تنهنجي آخري آرامگاهہ ڏي اچڻ نہ ٿي چاهيو بلڪہ سچي ڳالهہ تہ اها آهي تہ مون تنهنجي قبر تي اچڻ ئي نہ ٿي چاهيو. ڇا اهو سڀ ڪجهہ منهنجي برداشت جوڳو هو؟ هرگز نہ. آءٌ اڃا تائين تنهنجي قبر تي نہ آيو آهيان پر سچ تہ هي آهي تہ آءٌ تنهي روڊ حادثن ۾ وڇڙيل پنهنجن جي قبر تي اڃان سوڌو نہ ويو آهيان ۽ سال کن جو عرصو گذري چڪو آهي. منهنجو بلڪہ گهڻن جو اهو خيال رهيو آهي تہ وقت، گهرن گهاون کي بہ ڀري ڇڏيندو آهي. بلڪہ هاڻي تجربن انهيءَ ڳالهہ کي ڪو گهڻو سچ تہ ثابت نہ ڪيو آهي. آءٌ انهيءَ چوڻي لاءِ فقط ايترو ئي چئي سگهان ٿو تہ ٿي سگهي ٿو تہ ائين ٿيندو هجي، پر اها تہ گهرن گهاون کي ڀرڻ جي ڳالهہ آهي، پر جيڪڏهن جسم جو ڪو عضوو ئي ڪپي ڌار ڪيو وڃي تہ ڇا ان کي بہ وقت ورائي ڏيندو-؟ نہ ... وقت جي فقط اها ئي تہ ڪمزوري آهي جو هو فقط اڳتي ئي وڌندو آهي، هو پوئتي نہ مڙي ڏسندو آهي ۽ نہ وري ڦري ايندو آهي، شايد اهوئي سبب آهي جو هو فقط اڳتي ئي وڌندو آهي، جيڪڏهن وقت واپس ڦري اچي، يا پوئتي ڏسي تہ پوءِ هو اڳتي ڪيئن وڌندو؟ پر آخر ائين ڇو آهي تہ اڳتي وڌڻ لاءِ پوئتي نہ ڏسڻ يا نہ موٽڻ ضروري آهي؟ اڄهو آءٌ تہ وري منطق جي گپ ۾ ڦاسي پيو آهيان. ها سو دوستن پئي ٻڌايو تہ تون بہ هاڻي ”اڳتي“ وڌي ويو آهين، تنهنڪري واپس نہ موٽندين، ڀلا ائين ڇو نہ ٿي ڪيئي جو اڳتي وڃڻ وقت، تون پنهنجون پٺتي پيل منڙيون نشانيون ۽ يادگيريون بہ پاڻ سان گڏ کڻي وڃين ها..؟ اهي ڪهڙي خيال کان ڇڏي ويو آهين. آخر ائين ڇو آهي تہ توهين سڀ اڳتي ويندڙ، پوئتي پنهنجي يادگيرين جا ”خوبصورت ۽ پرفريب ڏنب“ ڇڏي

ويندا آهيو؟ ڇا اهو ڏيپ اٿو تہ متان وساريا وڃو؟ ڇا توهان اڳتي ويندڙ بہ اسان پوئتي پيل ۽ پوئتي رهيل ماڻهن وانگر ڏڄندا آهيو؟ تو بہ... وري منطق.

مهينو کن اڳ تنهنجي نناڍپڻ جي دوست نديم چيو تہ هو ۽ ٻيا تنهنجا ذاتي دوست، تنهنجي ياد ۾ ڪجهہ لکٿيون، تنهنجي ڀهرين ورسي جي موقعي تي ڇپائڻ جو رٿن پيا سو مون کي بہ لکڻ لاءِ چيائين. درويش ڪٿي جو، هي سياسي ڪارڪن کي اديب بہ سمجهي ٿو... اها جُدا ڳالهہ آهي تہ هن مونکي اديب نہ پر تنهنجو ۽ سندس سياسي دوست سمجهي اهڙي گهر ڪئي. هو تہ خير چوڻ کان ڇٽي ويٺو پر منهنجي لاءِ ہ وڏا مسئلا پيدا ڪري وڌائين. ڀهرين اهو مسئلو جيڪو اڄان تائين آءٌ سمجهي نہ سگهيو آهيان تہ آخر ورسيون بہ اسين ڇو ٿا ملهايون، جڏهن تہ اسين سالگرهون ملهائيندا آهيون ۽ ٻيو اهو تہ هاڻي ڀلا تو تي لکان ڇا..؟ تنهنجي طبيعت، تنهنجو ڪردار، تنهنجي سماجي ڪمن ۾ دلچسپي، تنهنجو تنظيم لاءِ انس، تنهنجي محبت جي ڪهاڻي ۽ تنهنجو آزادي سان عشق... ڇا تي لکان.؟ منجهي پيو آهيان. سوچي سوچي ٿڪجي پيو آهيان. هفتو کن اڳ تنهنجي نالي سان ڄامشورو ڦاٽڪ تي لائبرري قائم ڪئي وئي آهي، اها جُدا ڳالهہ آهي تہ تون لائبريرين کان پري ڀڄندو هئين ۽ ياد اٿئي تہ ڪتاب نہ پڙهڻ جي ڪري مون توکي هڪڙي ڏينهن نفيس هاسٽل تي ڪيترا دڙڪا ڏنا هئا ۽ تو چيو هئو تہ بس سائين هاڻي آءٌ سياسي لٽريچر سميت ڪتابن پڙهڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندس. خبر ناهي تہ پوءِ تو ڪيترو پڙهيو ۽ پرايو پر هاڻي آئون اڃا بہ منجهيو پيو آهيان تہ تو تي ڇا لکان...؟ تنهنجي وفاداري، قرباني، جذبي، سچائي ۽ نوڙت تي لکان يا چوٿين مارچ 92ع جي واقعي ۾ منهنجي زخمي ٿيڻ بعد تنهنجي جذباتي هجڻ تي.. جنهنجي خبر پوءِ دوستن کان پئي، خبر اٿئي تہ تنهنجي نالي سان کلندڙ لائبريري جي افتتاحي تقريب ۾ مون کان بہ ڳالهرايو ويو. مون اتي تنهنجي چند يادگيرين کي پيش ڪيو، ڀلا اهڙي موقعي تي داستان ٿوروئي ڪي کولي ويهبا آهن. انهيءَ موقعي جي وڊيو بہ پريل آهي، ڏسڻ چاهين تہ موڪلي سگهجي ٿي...، پر ڏسندين ڇا؟ تون تہ خود انهيءَ تقريب ۾ بہ موجود هئين تہ بس هاڻي منهنجي لاءِ مسئلو ڪجهہ

سولو ٿي پيو آهي. هاڻي مون فيصلو ڪيو آهي تہ توتي لکڻ جي بجاءِ، توڏانهن هي خط لکجي. آخر خط بہ تہ اڌ مُلاقات آهي. سچي ملاقات ڪڏهن ٿيندي....؟ انهيءَ ملاقات جو مونکي انتظار رهندو.

هي خط نديم جي معرفت موڪليندس تہ نديم بہ خوش ٿي ويندو. باقي جيڪي ڪجهہ تون هُئين ان بابت تہ مون ڪجهہ لکيو ئي ناهي. البتہ ايترو واعدو ضرور ڪريان ٿو تہ آئون اج ڪلهہ شاگرد جدوجهد جون يادون ترتيب ڏئي رهيو آهيان، ان ۾ تنهنجو ذڪر، تنهنجي شان مطابق ڪندس.

چڱو.

تنهنجو

ڊاڪٽر مير عالم مري

31/12/1993

نوٽ: هي خط مون اج جاڻي ٻُجهي لکيو آهي جو 31- ڊسمبر آهي، سج لڙهي چڪو آهي- ڪيترائي ماڻهو نئين سال جي آمد واري هن "رات ملهائڻ" لاءِ مختلف رٿائون ۽ تياريون ڪندا هوندا پر آئون......

توڏي هي خط لکندي ۽ توجهڙن ٻين دوستن کي ساريندي، اڄوڪي رات گذاري، سڀاڻي نئين سال کي ڀليڪار چوندس.

# سامي سفر هليا

## جي ايم ڀڳت

ڪيترائي اڻ ڳڻيا نانءُ جن تاريخ جي بي رحم صفحن ۾ جاءِ والاري، تن ۾ ڪي فاتح، ظالم، ڪنجوس، بد ديانت، حملا آور، شاتر، ته ڪي گهڻوان مذهبي مهندار، قوم پرست، ڏاتار، فلسفي آچاريه، اوتار، شاعر ۽ اديب آهن. ڪارناما ڪٿي ڪهڙا به هجن، مگر اتهاس ۾ پالن بجاءِ نالن ئي جاءِ والاري آهي. سرشتي جي آدڪان وٺي اڄ تائين ڪيترا انمول انسان جنميا ۽ جنم وٺندا رهيا آهن، جن اڻ گهڙيل مگر انتهائي حسين سنسار ۾ پنهنجي عقلي ۽ جسماني پورهئي جي بُرش ذريعي هن ڪي گهاڙيٽي ۾ آڻڻ ۽ منجهس وڌيڪ رنگ ڀري سندر بنائڻ لاءِ پنهنجو سڀ ڪجهه لٽائي ڇڏيو. مطلب ته هنن پنهنجي چاهتن، اميدن، خواهشن ۽ سپنن کي بالائي تاڪ رکي، هن ڪائنات ۾ حق، انصاف، انسانيت، اخلاق، رواداري، عشق، ڪويتا ۽ ٻيا انيڪ پرچارڪ عملي قدم کڻندي پنهنجو حسين انساني جيون جو به ٻليدان ڪري وينا. بي شمار اهڙا ماڻهو آيا ۽ ايندا رهيا آهن، جن ڪي تاريخ جي ٿهري ڪاغذ تي ڪا به جاءِ نه ملي آهي. نه ئي ملڻي آهي، اهڙي ڪن ڳاڻ ڳڻين، انسان دوست مورخن، چند گمنام ماڻهن کي، تاريخ جي ڪاغذ تي اُڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. تن ۾ چيڪ سلواڪيه جو مهان قوم پرست ۽ سوشلسٽ امر پلوان جولس فيوچيڪ، جنهن ڦاهي جي ڇانو ۾ ويهي پنهنجي هڪ جيڏن بهادرن جو ذڪر لکيو، يا سنڌ جي قوم پرست دانشور محترم عبدالواحد آريسر "ماڻهو ميگهه ملهار" نامي ڪتاب ۾ انسان پريمين جا خاڪا لکي، انهن جي شيوا کي اُپٽارڻ جي ڪوشش ورتي، يا ڪي ٻيا چند ڏاها ماڻهو جن اها ڪوشش ورتي هجي مگر اها صرف ڪوشش ئي رهي. ڪير ڪيتري ڪوشش وٺي. مگر انهن ننڍڙن پنهنجي ذات ۾ عظيم ماڻهن کي سموري تاريخ ۾ جاءِ ملڻ مشڪل نه پر ناممڪن آهي. ننڍا ننڍا خاڪا

۽ احوال صرف ڪجهه ڏينهن لاءِ يادگار بڻجن ٿا ۽ پوءِ به جي اڳوڻي اتهاس تي زور ڏيو ته صرف هڪ لفظ نظر ايندو گمنام سپاهي. يا هيرو، سرويچ وغيره ۽ بس بي ڪا به گنجائش نه.

مان به پنهنجي هڪ پياري دوست جي ڪيتا لکڻ جي سڦل ڪوشش ڪري رهيو آهيان. جيئن ان جي بهادري ۽ وڏائي بابت اظهار ڪري سگهان. حقيقت ۾ سرير ۽ روح جو سينڌ ٽٽڻ کان پوءِ انهي پلي ماڻهو لاءِ ڪيترو به لکجي ڳائجي، روئجي، يادگار قائم ڪجي، مگر عالم ارواح ۾ شامل ٿي هڪ ٿيندڙ روح کي ان جي نه ڪا ئي سڌس ٿي پوي ۽ نه ئي وري انهي کي ان جي پرواهه هوندي آهي ته ڪير مون لاءِ ڇا ڇا ڪري ٿو. اسين صرف انهي جي ياد تازي ڪرڻ لاءِ ورلاپ ڪري سگهون ٿا، گڻن جي واکاڻ ڪري سگهون ۽ ان جي همت دليري ۽ ڪارنامن تي فخر ڪري سگهون ٿا، ۽ انهي جي ٻاريل مشعل کي هٿن ۾ کڻي، اڳتي وڌڻ لاءِ پرپيچ پيچرا ۽ پرخطر راهون طئہ ڪندي پنهنجي منزل ڏانهن وڌڻ جو جتن ڪري سگهون ۽ پنهنجي ايندڙ ۽ آيل نندڙي نسل کي انهي انقلابي دوستن جي ڪيتا ٻڌائڻ ۾ سگهيتا ٿي سگهي ٿي، ۽ بس، ٻيو ڪجهه به نه. سنڌ ۾ قومي آزادي جي تحريڪ جي تاريخ مختصر آهي. تنهن هوندي به هن تحريڪ ۾ هڪ خصوصيت جا قومي ڪارڪن ۾ پيدا ٿي آهي. جوهر قومي آزادي ۾ يقين رکندڙ ڪارڪن پاڻ ۾ ڪارڪن کي پنهنجو فيملي ميمبر سمجهي ٿو. آءُ سمجهان ٿو ته اها خصوصيت شايد ئي دنيا جي ڪن ٻين آزادي پسند تحريڪن ۾ هجي، جراهه قوم پرست يا مها سوشلسٽ انهي ڳالهه کي خراب سمجهندا هجن. مگر آءُ پنهنجي تجربي جي دنيا تي انهي کي درست ٿو سمجهان، مضبوط تنظيم ڪاري ۽ پارٽي ۾ مضبوط نظم ضبط ڪيترو ئي ڪڻي سخت ڇو نه هجي، پر جيسين هر هڪ ڪارڪن پاڻ کي گهر ڀاتي نٿو سمجهي تيسين ان ۾ پنهنجائپ پيدا نه ٿيندي سنڌ جي قومي آزادي واري تحريڪ سنڌس ڪارڪن کي پنهنجائپ ۽ پريت بخشي آهي، انهي ڪري اڄ آءُ پنهنجي پياري ۽ بهادر سپوت دوست جو ذڪر ڪري رهيو آهيان. جنهن جي جيون جي سمايتيءَ جو ٻڌي مون ڪيترين ئي راتيون ۽ ڏينهن سخت تڪليف ۽

پريشاني ۾ گذاريون ڪالهوڻي ڪالهہ اهو دردناڪ واقعو پيش آيو. جنهن کي اڪ ڇنڀ ۾ سال ڇڻ گذري وڃڻ تي آهي. سرڳواسي عابد ميمڻ، 22 سالن جي ننڍي ڄمار ۾ ئي پنهنجون اڌوريون قربتون اڌورا خواب جي يقين ساڀيا ٿيڻا هئا. اميدون، آسون، محبتون، اوچتو سميتي حادثي کي بهانو بڻائي عالم بالا ڏانهن هميشہ لاءِ هليو ويو. سنڌ جي خمير ۾ عجيب قربت سمايل آهي، جنهن سبب هر دوست جو هيئڻون ماتم ڪده ٿي پيو ۽ سموري سنگت هن اوچتي مرتئي تي حيران رهجي ويئي، شايد شاهہ صاحب سنڌ جي قربتن واري خمير جي عڪاسي ڪندي چيو آهي تہ :

ڪنور پاڙون پاتار ۾، پنور پري آڪاش
پنهين، سنڌي ڳالهڙي رازق آندي راس،
تنهن عشق کي شاباش، جنهن محبتي ميڙيا. (شاهہ)

اها قومي آزادي واري عشق جي هڪ ڏارا هئي تنهن سبب ئي عابد ميمڻ ڪان شناسائي ٿي، نہ تہ ڪٿي سرڳواس عابد ۽ ڪٿي اسان پيا، جنهن جو ميل ممڪن ئي نہ هو، تنهن کي قومي آزادي واري هلچل ممڪن بڻايو آهي.

شري عابد جا ڪهڙا ڳڻ لکي لکجن، توڻي جو پنهنجي ٿورڙي عمر ۾ ڪو هو وڏو پوڻو ٻاري نہ سگهيو. تنهن هوندي بہ جن عابد ڀائي کي ڏٺو يا عمل ۾ گڏ هليا تن کي بخوبي خبر آهي تہ هو ڪيڏو نہ بهادر پيارو ۽ گهڻ سهو نوجوان هو. احتجاج هجي، هڙتال هجي، چاڪنگ هجي يا ٻيو ڪو قومي ڪم هجي هر مرحلي ۾ هو سيني ڪان اڳرو رهندو هو، سندس وڻندڙ ڪڻڪ رنگو سدا ملوڪ چهرو، ملنسار ۽ ڪلمک، سادو مگر پنهنجي ذات ۾ بهادر سچار ۽ محنتي ماڻهو مستقبل ۾ سانس ڪيتريون ئي اميدون وابستہ هيون. اڄ سال پورو ٿيڻ تي آيو آهي، هن جي غير موجودگي، سبب سندس سمورو حال ماضي بڻجي ويو ۽ قليل عمري سنگت ۾ ۽ پريوار ۾ يادگار بڻجي ويئي، جيون (زندگي) پنهنجي مٽ پاڻ جيئڻ جو تيئن هلي رهي آهي. اڄ عابد اسان ۾ موجود ناهي، ائين ٿو لڳي هو ڪن پل جو سپنو هو ۽ ساڀيا ماڻڻ ڪان اڳ ئي سماپت ٿي ويو، سميہ جو چرخو پنهنجي رفتار سان جيئڻ جو تيئن هلي رهيو آهي، هڪڙي سال ۾ ڪيئي لاها چاڙها آيا آهن مگر هو تہ، سيني

ناڪامين ۽ ڪامرانين ڪان بالاتر ۽ بي نياز ٿي، سرير سان پنهنجو ناتو ٽوڙي امر ٿي هليو ويو آهي. 22 فيبروري 1993 جي رات ٺهري ۽ ڏائڻ رات جنهن اسانجي پياري مٺيادار ۽ پلي دوست کي هميشہ لاءِ ڳهي ڇڏيو. هن کي پنهنجا ڪيترائي خواب هئا. يا سڀ کان وڌيڪ انکي سنڌوديش جي آزادي لاءِ بي انتها تڙپ هوندي هئي، سي سمورا خواب هو پاڻ سان گڏئي سميٽي ويو مونکي جنم جنم جي ويدڪ فلسفي تي يقين آهي، آءُ سمجهان ٿو تہ عابد جيڪو جنم ورتو هو، سو قومي آزادي جي تحريڪ کي سگهہ بخشڻ لاءِ هو ۽ هو اُن ڏس ۾ ڪافي ڪجهہ پتوڙيندو رهيو هو. سندس اوچتي رسامي جيڪو خال پيدا ڪيو آهي تنهن جي شدت جو احساس سموري سنگت کي ڪيتروئي عرصو باقي رهندو ۽ جيئن جيئن قومي آزادي جي تحريڪ پنهنجي بالغ پڻي ڏانهن وڌندي جدوجهد تيز ڪندي اڳتي پنهنجي منزل ڏانهن هلندي تيئن تيئن سرگواسي عابد جي ياد ۾ شدت ايندي ويندي، اياز گل جي هنن سٽن وانگي،

سڪٿا سڪٿا ساهہ سنگت. ميت بنا هن کهڙا گيت

يا وري شيخ اياز جي چوائي،

رات آئي ويئي، تون نہ آئين کهي،

ماڪ ۾ ميندرا ڪاڪ روئندي رهي.

جيڪو ڪم عابد تي سنڌ پاران سونپيل هو انهي کي اڌورو ڇڏي هليو ويو. يقينن بيا بہ ڪيترائي پيارا جوانڻ هن ڌرتي تي جنم وٺندا جيڪي قومي آزادي جي قافلن کي سگهہ بخشيندا. اڳتي وڌندا ويندا، مگر ميندرو موٽڻو ناهي. ممڪن آهي هو ٻيو جنم وٺي ۽ ڌرتي ماتا جي قرض لاهڻ جي ڪوشش ڪري پر ساڳي شڪل ۾ سندس موٽڻ مشڪل آهي. سندس گذر ڪان پوءِ سانوڻ بہ سئاٽا ڪيا، موسم بهار بہ گلن ۾ هڳاءُ سمائي ڄامشوري جي پٿريلي جسم تي گهلي ويئي، سياري جون خاموش سرد راتيون پڻ ڄامشوري جي ڌرتي کي سردائي ويو. جوان ۽ جوانڙيون موسم جو خوب آنند وٺي رهيا. مطلب تہ ڪيئي مندون ايندي يون. مندون منڊيا، جوڙن جاجوڙ جڙندا، ۽ خوشين پريون بهارون بہ ايندي يون، ڪير ڪير نہ هوندو، سميہ پنهنجي

# گمنام سپاهي

## منصور خاصخيلي

عظيم محب وطن شهيد مخدوم بلاول جي ضلعي جو رهواسي بهادر، زنده دل بردبار آزادي پسند ڪارڪن، پيارو مرحوم عابد ميمڻ، بامقصد انقلابي، بي مقصد، بي وقتي موت جو حادثاتي شڪار ٿي ويو، جيڪو سندس وجود جو وڏو الميو (Tragedy) آهي. دادو ضلعي ۾ (Birth Place) پيدائش هئڻ سبب، دادو جي مٽي جو خمير سندس رڳ، رڳ ۾ موجود هو. سندس طبيعت ۾ جوش، مخدوم بلاول جي ڇانوَ ۾ رهڻ ڪري، دل ۾ جرئت ۽ قرباني جو مادو هيس، سائين جي ايم سيد جي قومي آزادي جي پروگرام کان متاثر ٿي، سائين جي ايم سيد جي فڪري رهبري قبول ڪيائين، سچ تہ مرحوم جي شخصيت دادو جي انقلابي حريت پسند رنگ ۾ رڱيل هئي. مرحوم عابد جي موت جو صدمو، هڪ حد يا سطح تائين محسوس ڪيو ويو، جيڪو دائرو، مٽن مائٽن، دوستن يارن ۽ تنظيمي ڪارڪنن تائين محدود هيو، پر جيڪڏهن ڪيس موت مهلت ڏني ها تہ اڳتي هلي هو سڄي سنڌ لاءِ هر دل عزيز ٿي وڃي ها. ڇا ڪاڻ تہ هو انهن ڪاهوڙين، آزادي پسند انقلابين مان هڪ هو جيڪو پنهنجي زندگي پنهنجي وطن ۽ قوم کي ارپي چڪو هو ۽ جيڪڏهن ان واعدي کي سندس مختصر گذاريل زندگي جي آئيني ۾ ڏٺو وڃي تہ اها ان جي گواهہ رهندي سماجي، طبقاتي طرح روشن خيال وچولي ڪلاس سان تعلق رکڻ جي باوجود، سندس خواب ۽ خيال، خواهشون ۽ امنگون پنهنجي طبقي جي طبقاتي مفادن جي ابتڙ، انقلابي حريت پسند هيون، هو مستقبل جي ڪنهن بيوروڪريٽ ٿيڻ جي خواب ڏسڻ بجاءِ پنهنجي انقلابي ۽ آزادي پسند ڪردار ادا ڪرڻ بابت سوچي رهيو هو. هو ڪئبرال جي لفظن ۾ طبقاتي طرح خودڪشي ڪري ۽ پنهنجي طبقاتي مفادن سان بغاوت ڪري، پنهنجو رشتو، انقلابي قوتن، سنڌي، هارين، پورهيتن ۽

مادر وطن سنڌ جي قومي آزادي جي انقلابي نظرئي سان جوڙي چڪو هو. جنهنجي هڪ جهلڪ سندس دوستي جي دائري مان ڏسي سگهجي ٿي، تہ مرحوم عابد، ٽرڊ ايئر انجنيئرنگ مهراڻ يونيورسٽي ڄامشورو جو شاگرد ۽ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن يونيورسٽيز جو ڊويزنل آرگنائيزر هو، انهن شاگردي ڏينهن ۾ سندس دوستي جو دائرو، ڪامورن شاهوڪارن جي ڊسڪو پٽن جي بجاءِ هارين، چوڪيدار جي پٽن سان هئي. مرحوم عمر جي جنهن حد ۾ هيو اها پاويهہ، ٽيويهہ سالن جي ڀڳيرو جواني هئي، عمر جي ان جولاني ڪيفيت واري حد ۾ هي نوجوان عام رونشي بازي وارن مشغلن ڪان هٽي ڪري هاسٽلن ۾ سنڌي نوجوانن کي آزادي جي واٽ ۽ جدوجهد لاءِ آماده ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل نظر ايندو هو. جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۾ تنظيمي سطح تي مهاڙي رستي(Fore Front) تي رهي ڪم ڪندڙ محنتي ڪارڪن هو. سياسي سطح تي، انتظاميہ پاران بندش جي باوجود 4 مارچ ملهائڻ جو معاملو هجي يا تعليمي ادارن ۾ ڪاپي ڪلچر، ڪلاشن ڪوف ڪلچر ۽ غنڊه گردي جي خاتمي ۽ تعليمي واڌاري جي مسئلي تي سيمينار يا ريلي منعقد ڪرڻ جو پروگرام هجي، ان کي منظم آرگنائيز ڪرڻ جي سندس محنتن کي ڪڏهن بہ وساري نٿو سگهجي، گمنام سپاهي ڪيس ان ڪري لکيم جو دوستن پاران سندس فوٽو هن بيت سان گڏ

اسان جي مٿاسين سفر ۾ او ساٿي،

تہ ماٿيندا منزل پنهنجا ڊول ڏاٿي.

ڇپرايو ويو، اتفاق سان ان فوٽو تي سندس نالو لکيل نہ آهي، شايد سندس نالو سنڌ جو گمنام سپاهي آهي، جنهن ڪري ان فوٽو مٿان سندس نالو لکڻ رهجي ويو ڇو تہ مرحوم عابد جهڙن قومي آزادي جي سفر ۾ محنتون ۽ مختصر ڪردار سنڌ جي عام ماڻهن آڏو، سنڌ جي انيڪ ماضي جي شهيدن ۽ ڪارڪنن جيان گمنام ئي آهي.

# هن جو نالو لکو

## اعجاز منگي

هر سال جي ٻئي مهيني جي ٻاويهين تاريخ، عابد جي حوالي سان، اسان لاءِ يادگار تاريخ آهي، ڇوته اهو ڏينهن نندڙي عابد جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. عابد جيڪو انڌيري رات ۾ آخري ڀيرو موٽر سائيڪل تي سوار ٿي ڄامشورو ڦاٽڪ تان نڪتو ۽ گهر جي بدران ڌرتيءَ جي در هليو ويو.

هينئر جڏهن مان عابد کي ياد ڪري رهيو آهيان ته عابد جي تصور سان گڏ سوريلي مصور ڊاليءَ جي تصوير "ويٽنگ روم" ۾ ابري ٿي. اها تصوير جنهن ۾ سوريلي شاعر ڏيکاريو آهي ته "هي ميڃتا هڪ ويٽنگ روم آهي، جنهن ۾ ماڻهو پنهنجي پنهنجي ٽرين جي اوسيئڙي ۾ ويٺا آهن" پر تصور ۾ اهو سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ته "هن ويٽنگ روم ويني ماڻهن پاڻ ۾ پيار جو اهڙو پاڙو جوڙي ڇڏيو آهي، جو هو دل ئي دل ۾ هاڻي هي ويٽنگ روم ڇڏڻ نه ٿا چاهين پر هر مسافر جي ٽرين اٽڪر آهي ۽ ڪنهن مسافر کي اها ڳالهه معلوم نه آهي ته هن جي سواري اوچتو ڪٿي سيٽي وڄائيندي ۽ هن کي ٻين مسافرن کان اڪثر حالتن ۾ موڪلائڻ جي مهلت به ڪونه ٿي ملي.

عابد کي اها سوڙي جهان کان موڪليل سواري، هڪ انڌيري موڙ تي ملي. جڏهن عابد ڄامشوري ڦاٽڪ کان گهر ايندي، ڄامشورو اسٽيشن کان اڳيان وڏي سنڌي ادبي بورڊ جي موڙ وٽان ٽپي رهيو هو ته قضا کيس ڪنيي ڪٿي ورتو اهو سندس جيون جو پوئيون موڙ هيو. ان کان پوءِ سندس زندگي موت جي خبر ٻڌجي رهجي وئي. هڪ اهڙي خبر جيڪا، جنهن ٻڌي ان جي سيني ۾ سور جي ٽاٽ ابري ٿي وئي. اهو سور ثبوت آهي عابد جي غير معمولي موت جو. عابد هڪ غير معمولي نوجوان هو، ان ڪري سندس موت جي خبر هڪ

وڏي صدمي جي باعث ٿي بڻجي.

دراصل عابد جو موت قسمت جي ڪجهه اهڙن عملن منجهان آهي، جنهن سان سيني کي اختلاف آهي. اسان تقدير سان عابد واري نقطي تي متفق ناهيون. ۽ هن وقت تائين اسان جي ۽ اسان جي وڏاتا جي وچ ۾ حادثو ٿيل عابد پيو آهي ۽ هن مهل تائين قسمت پاران هڪ دليل ٻه اهڙو نه آيو آهي ته عابد جو موت ڇو ضروري هو؟ هن مهل تائين تقدير سان ٿينڌڙ ان مباحثي ۾ اسان جي تهمت ۾ وزن آهي ته عابد جو اوچتو موت، قسمت جي ڏاڍائي آهي. ظلم آهي. بي انصافي آهي تقدير جيتري جذبن جي لتاڙ پيو ڪنهن ٻه نه ڪئي آهي. هٽلر ۽ مسوليني ٻه نه. انسان جيڪو هڪ زندهه، متحرڪ ۽ باغي دل هوندي ٻه تقدير جي هٿن ۾ هڪ پتلي آهي. انسان ذات تقدير جي ان طبيعت خلاف نسل در نسل پتوڙيندو آيو آهي. ان تاريخي جنگ ۾ گذريل سال جي ٻاويهن تاريخ قسمت هڪ ڀيو ڦهر ڪيو ۽ سپر هاءِ وي جي انڌيري لاڙي ۾ هن اسان جي ننڍڙي ڀاءُ، اسان جي جوان ساٿيءَ ۽ ڳڀروءَ انقلابي کي ريءَ سبب موت جي حوالي ڪري ڇڏيو. اسان جي دلين تقدير جي عمل کي نه ته نظرانداز ڪيو آهي ۽ نه وري اسان هٿ جي ان ريکا کي خون بخش ٿا ڪري سگهون جنهن ريکا جي بدلي ۾ عابد جو موت لکيل آهي. مون ان عابد جي ورسيءَ تي بيحد اڪير ۽ محبت سان لکڻ پئي چاهيو پر هر هر منهنجي آڏو پنهنجي دل جو اهو سوال ٿي اچي ويو ته عابد تي ڇا لکندس؟

۽ مان سچ پچ ٻه اهو سوچڻ تي لڳس ته عابد تي ڇا لکجي؟ پنهنجي ننڍڙي ڀاءُ جي مختصور جيون جي ڪهڙي ڪهاڻي لکجي؟ عابد جي زندگي هئي ڪيتري؟ ان پتڪڙي زندگيءَ ۾ نه ته وڏا حادثا ٿيا ۽ نه وري هو سرعام وڏين آزمائشن هيٺ آيو نه ته هن قوم جي خدمت ڪئي، نه ته هو ڪامياب ٿيو ۽ نه وري سندس موت ڪنهن مقتل گاهه ۾ ٿيو.

پر ان حقيقت کان تقدير ٻه انڪار نه ڪري سگهندي ته هو تدبيرن جي تمام وڏي سگهه رکندو هو پر هن کي مهلت نه ملي. تقدير جي ان ظلم ۽ بي انصافي تي تمام گهڻو لکي سگهجي ٿو. ته تقدير ڪيئن نه هڪ ماڻهوءَ جي عظمتن واري واٽ روڪي ورتي.

عابد جو حادثو تاريخ جو ائبارمشن آهي. تاريخ جي ڪک ۾ وقت کان اڳ هڪ انقلابي مري ويو. هڪ زندگي سورمائپ واري سفر ۾ هڪ هنڌ رڪجي وئي. عابد جا جا مشهور يار انقلابي دوست بنا ڪنهن جذباتي وابستگيءَ جي چون ٿا ته عابد ۾ قومي سورمي (National Hero) واريون سموريون خوبيون هيون. هو پنهنجي آخري ڏينهن ۾ نهايت سنجيده ۽ ذميوار سڏيو پئي ويو. هڪ انسان "انقلابي" جي پوين مرحلن ۾ هو ته سندس هي ابتدائي ڏينهن هن جا پويان ڏينهن ٿي پيا.

يونان جي انقلابي اليڪوس جي محبوبا اوريانا فلاچي جڏهن ويتنام ۾ آمريڪا طرفان ٿيندڙ ظلمن جي داستان دنيا کي ٻڌائڻ لاءِ حملي وارا هنڌ ڏسي رهي هئي تڏهن هوءَ اميد سان هئي. هن جي اندڙيري ڪک ۾ ننڍڙي زندگيءَ جي چٺنگ دکي رهي هئي. پر ان جي باوجود فلاچي ويتنام جي وجود تي اهي زخم ڳڻي رهي هئي، جيڪي آمريڪا جي سائنسي سوچ جو ذليل ترين ڪارنامو هئا ته اوچتو فضا سان هڪ جهاز لامارو ڏنو ۽ ان جي ڪک مان هڪ بم ڪريو، ان بم جي تباهيءَ سان گڏ فلاچيءَ جي ڪک جي دنيا بہ ويران ڪري ڇڏي. فلاچيءَ جي ڪک بہ زندگيءَ جو ٽمڪندڙ ڏيئو وسامي ويو. اهو ٻار جيڪو گلف واري ڌرتي ۽ ستارن واري آڪاش ۾ زندگيءَ کي ماڻڻ لاءِ اچڻ جون تياريون ڪري رهيو هو. ان کي سندس بنيادي حق کان محروم ڪيو ويو. پنهنجي ان ائبارشن جي پس منظر ۾ هن ڪتاب لکيو هو "ان ٻار ڏي سنهيو، جيڪو دنيا ۾ نہ اچي سگهيو". عابد متعلق سوچيندي بار بار دل ۾ اهوئي سوال ٿو اڀري تہ ڇا عابد اوريا فلاچيءَ واري حوالي سان سنڌ تاريخي ڪک ۾ ان ٻار جهڙي ناهي، جنهن کي سندس انقلابي جنم کان اڳي موت نصيب ٿيو هجي.

هو تہ اهان فيض احمد فيض جي انهن سٽن جو عملي روپ هو تہ

«تم یہ کہتے ہو کہ» وہ جنگ ہو بھی چکی
جس میں رکھا نہیں، اب تک ہم نے قدم»

هو تہ انقلابي جنگ جي ميدان ۾ لٿو ئي نہ هو. ان سور جي رڳو سنڌ کي خبر آهي تہ سپر هاءِ وي جي ان قاتل موڙ تي سندس انقلابي ٻار ڪيرايو ويو.

لاءِ آزمائش مان گذرڻ جو مرحلو ايترو ڪٺن نہ هوندو آهي. ڇوتہ سمورو خوف پيار ڪان اڳ جو هوندو آهي. جڏهن پيار جو ڏيئو ٻري پوي ۽ روح جي يڪتاري تي عشق جو گيت گونجڻ لڳي تہ پوءِ ماڻهو پنهنجي وس ۾ ئي نہ رهندو آهي. پوءِ سوريءَ تي ماڻهو نہ پر ماڻهوءَ جي محبت چڙهندي آهي.

عابد انقلاب سان معصوم الفت جو نالو آهي. تاريخ جي ان تختيءَ تي اسان جي نندڙي انقلابي ياءِ "عابد ميمڻ" جو نالو لکو.

# جان جان هئي جيئري ورچي نہ ويٺي

مسعود لوهار

اسان جو يار اسان جو پياءُ نوجوان عابد ميمڻ ڌرتيءَ جي جهول ۾ مٿو ٽيڪي اسان جي نظرن کان لڪي ويو. موت ۽ زندگي هڪ گاڏي جا ٻہ ڦيٿا آهن ۽ انهن ٻن ڦيٿن واري موٽر سائيڪل سپر هاءِ وي تي سنڌ يونيورسٽي ڪالوني جي سامهون عابد جي پنهنجي گهر جي ويجهو، هن اسان جي جگر جي ٽڪر ۽ اسان جي ماضي جي يادن جي سهاري اڌول ۽ اورچ نوجوان کي ڌرتي تي ڪيرائي ماري وڌو. مون کي سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ آئون عابد تي ڪهڙا لفظ لکان، ڪيئن ويهي لفظن جي ساهميءَ ۾ ان کي توريان؟ ۽ ڇا اهي لفظ ان جي هڪ جهلڪ بہ ڏيکاري سگهڻ جي قابل آهن؟

مون کي ياد آهي تہ ڪيئن تهہ سياري رات ۾ ٻٽ ٻڌل عابد سيءَ ۾ ٺڙڪندو، ڏڪندو، روم نمبر 78 تي ايندو هو ۽ چوندو هو "يار گڏجاڻي رکي اٿئون، فلاڻي تاريخ فلاڻي ٽائيم تي، توهان کي اطلاع ٿو ڪجي". بس ائين چئي وري سيءَ ۾ ٺڙڪندو ڏڪندو هليو ويندو هو. کيس تنظيم جي ڪم، ريزڪي سگريٽن ۽ ماضي جي يادن کان سواءِ ڪنهن چوٿين شيءِ سان ڪا دلچسپي نہ هئي. هو رنگن جي دنيا ۾ پنهنجي ذات جي رنگن بابت ڪنهن ڪامپليڪس ۾ نہ هو. هو مون کي تياڳ ورتل ٻيچين ۽ دنيا جي وهنوار کان لاتعلق ڪاهوڙي لڳندو هو. سچ پڇو تہ انسان جي سڃاڻپ جيڪڏهن هن جي انساني معيارن موجب ڪئي وڃي تہ سڄي ڄامشوري ۾ عابد ميمڻ جو نالو پهرئين نمبر تي ايندو. هو هڪڙو ڪميٽيڊ ۽ اورچ سياسي ڪارڪن هو جيڪو تنظيم جي آرڊر کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ ڪندو هو ۽ ان جي هيءَ قرباني سنڌ جي سياسي تاريخ ۾ حادثاتي موت جي باوجود ان

# ڪالم/ ڪهاڻي

## طارق عالم ابڙو

هيلو.... هيلو.... ٩١١....؟

خدا جي واسطي جلدي پهچو. مان سنڌ يونيورسٽيءَ جي اسٽيشن ٻاهران سپر هاءِ وي وٽان ٿو ڳالهيان. هتي ايڪسيڊنٽ ٿي پيو آهي.

منهنجي دوست راشد ميمڻ جو ننڍڙو ڀاءُ عابد اسپيڊ سان اڏامندڙ موٽر سائيڪل تان سلپ ٿي ويو آهي. سلپ ٿي ويو آهي.... جلدي پهچڻ جي ڪريو. ڪٿي ائين نہ ٿئي جو هو اوهان جي پهچڻ کان اڳ اسان سڀني کان سلپ ٿي هليو وڃي.

مون هن کان اڳ بہ ڪيترا ڀيرا ان موقعن تي اوهان کي ڪال ڪئي آهي، اوهان اٽينڊ تہ ڪريو ٿا، پر پهچو ٿا. اوهان جو نمبر ٩١١ آهي نہ....؟ مان غلط بياني کان ڪم نٿو وٺان مون کي پنهنجي مقدس ڪتاب جو قسم آهي.

مون هن کان اڳ بہ اوهان کي فون ڪيو هو، جڏهن "مانيٽي اوٽي" خود ڪشي ڪئي هئي. ان کان پوءِ مان "مراد فقير" جي کوهہ ۾ ٽپي پوڻ ڀيري بہ اوهان سان ڳالهايو هو. "ماٺڪ" ها "ماٺڪ" جي مرڻ کان اڳ بہ مون اوهان کي ايلاز ڪيا هئا. جڏهن "طارق اشرف" کي دل جو دورو پيو هو يہ غلام نبي مغل جي ننڍڙي پٽ کان فليٽ جو انٽر لاڪ نہ کلي سگهيو هو. ان وقت بہ مون اوهان کي ٩١١ تي رڙيون ڪري سڏيو هو.

پر هر ڀيري اوهان مون کي ٺلها آسرا ڏنا هئا.

جي...؟ اوهان کي پهچڻ ۾ دير ٿي وئي هئي....؟؟؟ اوهان کي اسان وٽ پهچڻ ۾ دير ٿيو ٿي، ٿي وڃي....؟ اوهان جا ٽي/وي پروگرام ۽ فلمون تہ صحيح ٽائيم تي پهچي ٿا وڃن. اوهان جي "ڊش اينٽينا" تہ هر فاصلي کي "اسپرٽ" جان اڏائي ڇڏيو آهي. پوءِ ڪنهن جي زندگيءَ کي بچائڻ مهل

# آدرشي نوجوان

## ذوالفقار پرڳڙي

بظاهر نظر ايندڙ، عام طرح سرگرم ۽ رواجي طرح هلندڙ ڦرندڙ، نوجوانن کان هڪ مڪمل الڳ ٿلڳ، منفرد ۽ مختلف نوجوان عابد ميمڻ.

عابد ميمڻ جنهن جي وڇڙڻ جا نشان اسانجي زندگين ۾ پاڇي جيان گذرهندا ۽ نہ صرف اسانجن زندگين ۾ پر اسانجي سنڌوديش لاءِ قومي آزادي ۽ الڳ وطن واري جدوجهد ۾ گڏ رهندا. پياري ۽ قابلِ احترام دوست عابد کي آدرشي نوجوان ان ڪري چيم تہ آدرشن لاءِ زندگيون ارپيندڙ ۽ انهي آدرش کي حاصل ڪرڻ لاءِ وجد Trance جهڙي جدوجهد ڪندڙ بہ آدرشي ٿي ويندا آهن، جيئن ڪميونزم لاءِ مارڪس، لينن، مائو ۽ قومي آزادين لاءِ هوچي منهہ، گانڌي ۽ ڪئبرال آهن تہ اهڙي ريت هن وقت عابد جو عمل، ڪردار، ۽ سرگرمي اسان قومي آزادي لاءِ جدوجهد ڪندڙ نوجوانن لاءِ هڪ آدرشي ڪردار آهي، ۽ پڻ انهن نوجوانن لاءِ جيڪي آزادي جي صفن کان وقتي طور ٻاهر آهن.

عابد آدرشي انهي لاءِ بہ آهي تہ جتي ان جي ٻاويهن ۽ ٽيويهن سالن جي الڙ جواني جي عمر هئي، جيڪا تجسس، رومانس، چڙواڳي ۽ فرمائشي جهڙن لاڙن ۾ ورتل هوندي آهي، تنهن تي غالب ٿي، عام نوجوانن جي بحثن، ڪچهرين ۽ سوچن جي مخصوص موضوعن کان هٽي ڪري پنهنجومقصد ۽ مشن طئي ڪرڻ، ان جي اهميت ۽ افاديت جو تعين ڪرڻ ۽ حاصلات جي نوعيت ۽ ان جي طريقن تي سوچڻ ۽ جنهن لاءِ پنهنجي زندگي قوم، وطن، جدوجهد ۽ انقلاب لاءِ Devote ڪرڻ، واقعي بہ آدرشي ۽ غير معمولي ثابت قدمي هئي.

سو بہ ان پس منظر ۾ جنهن ۾ ان جو مقصد ۽ مشن ان جي طبقاتي

بيهڪ ۽ مفادن جي خلاف ۽ ٽڪر ڪائيندڙ هجي، پر اتي ڪئبرال جي لفظن جي حقيقي ترجماني ڪندي هو طبقاتي خودڪشي ته ڪري ۽ پنهنجون سموريون وفاداريون هيٺين طبقي ۽ مڊل ڪلاس جي ماڻهن سان وابسطا ته ڪري. پر ڏک صرف اهو آهي ته بي رحم زندگي هن کي اهو ڪجهه ڪرڻ نه ڏنو. جيڪو ڪجهه هن ڪرڻ چاهيو ٿي ۽ جڏهن به دوست عابد جي مونکي ياد ايندي آهي ته ڪٿي پڙهيل انگريزي جي هي سٽ ياد ايندي آهي.

King is who faded before time, ته واقعي به عابد جو مرجهائجي وڃڻ وقت کان اڳ هو، هن کي پنهنجون صلاحيتون استعمال ڪرڻ جو موقعو زندگي طرفان ملي نه سگهيو. ورنه ممڪن هو ته اڳتي هلي هو ڪنهن به تعارف جو محتاج نه ٿئي ها ۽ هن جا عمل ئي هن جي شخصيت ۽ ڪردار جا آئينادار هجن ها، مون شخصي طور عابد کي جن رخن ۾ ڏٺو. سمجهيو ۽ محسوس ڪيو اهي هي ٿي هئا.

١- انقلابي نوجوان

٢- عملي نوجوان

٣- سوشل نوجوان

مون عابد کي سنڌ جي قومي آزادي سان ڪميٽيڊ نوجوان محسوس ڪيو، انهي حوالي سان باقي شيون انهي جي پس منظر ۾ هونديون هيون، عابد جي سرگرمي جساف ۾ هجي، مهراڻ يونيورسٽي ۾ هجي، يا ڪنهن ايجيٽيشن، جلسي جلوس ۽ فنڪشن ۾ هجي يا ڪنهن شاگرد جي يونيورسٽي ۾ ايڊميشن، ڪنهن لاء اسپتال ۾ رت جو مسئلو يا ڪنهن جي ماءُ پيءُ جي موت جو معامرو هجي يا ڪنهن جي شادي جي تياري ۽ دعوت جو مسئلو هجي عابد ان ۾ اڳ کان اڳرو هوندو هو، انهي ڪري عابد سياسي ۽ نظرياتي ڪارڪن ڪانسواءِ ڄامشوري جو هر وقت تيار Full Time Social worker هوندو هو. نج عملي ماڻهو هئڻ ڪري رسڪي Risky هوندو هو ۽ ڪڏهن به ڊگهو، اجايو ۽ وقت جو وڃائڻ، لڀاڙي بحث نه ڪندو هو ۽ نه ئي ڪيئن چو چالاءِ ۽ نه ئي چونڪ چناچي ڪندو هو، جيئن فين جي لفظن ۾ ته عملي ماڻهو صرف چوندا آهن، ته ڪرڻو آهي ۽ بس، ۽

عابد بہ ائين ئي ڪندو هو. He was the man of his words ۽ انهي ناتي سان هو بحث مباحثي ۽ ڪچهرين ۾ ڳالهيون جرئتمندي سان سڌيون سنئيون Straigth forward رکندو هو. عابد جوعملي، نظرياتي ۽ سماجي سرگرمي ۽ ڪميتمينٽ جو عڪس انهي مان ملي ٿو تہ هڪ دوست جي چواڻي تہ عابد ايندو ڪرسيون ناهيندو، اسٽيج ناهيندو ۽ ضابطو رڪرائيندو، ۽ ٻيا ايندا ليڪچر ڏيئي، تقريرون ڪري هليا ويندا ۽ عابد وري ڪرسيون گڏ ڪندو، اسٽيج جو سامان گڏ ڪندو ۽ واپس ڊيڪوريشن وارن کي موٽائي ڏيندو، هڪ دفعي آئون عابد ۽ دوست مير عالم گڏ هئاسين، تہ مون عابد کي ڇاتي تي هٿ هڻي چيو هو تہ "عابد هي جيڪا تنهنجي دل آهي، سا ڏاڍي پياري آهي." جنهن تي هن مرڪي ڏنو هو، هتي آئون واضح ڪريان تہ دوست عابد ميمڻ جنهن طريقي سان اسان سمورن ساٿين کان وڇڙي ويو آهي، تنهن لاءِ آئون اعتماد ۽ يقين سان چوان ٿو تہ هن دوست ان جو ڪڏهن تصور بہ نہ ڪيو هو، تہ ڪو منهنجو اهڙي ريت موت واقعي بہ ٿيندو، سچ تہ هتي سياسي، نظرياتي روايتن ۽ رسمن کان ٿورو هٽي ڪري بہ سوچجي تہ ڇنجڻ ۽ وڇوڙي جو احساس پوءِ ٿيو تہ وڇوڙو ڪيڏو نہ ايذائيندڙ آهي ۽ هاڻ محسوس ٿو ٿئي تہ اهو Potasium Cynide جيان خطرناڪ ۽ زهريلو آهي- جنهن کي ڇهڻ سان ئي وداع زندگي ٿئي ٿي، انهن شين ايڏو متاثر ڪيو، جو عابد جي ايڪسيڊنٽ بعد تہ زندگي ڇا آهي؟ تي سوچڻ ئي ڇڏي ڏنو آهي منهنجي نظر ۾ عابد جي سرگرمي ۽ ڪردار روس جي مشهور ناول "قافلہ شهيدون ڪا" جي ڪردار سرگئي تيولين جو مڪمل عڪس ۽ اولڙو آهي، عابد جو وڇوڙو جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۽ اسان سمورن دوستن لاءِ هڪ الميو آهي، جنهن جا اثر اسانجي سوچن ۽ سرگرمين تي هينئر ۽ هميشہ لاءِ رهندا.

هٽاسين. مون کي ياد ناهي تہ ڪڏهن عابد ڪنهن ڪم سان ويو ۽ ناڪام موٽيو هجي. انهي جو اعتراف صرف مان نہ پر سندس دوست بہ ضرور ڪندا.

مون وٽ رات جو دير سان ايندو هيو، ادا اچ ڪچهري ڪريون ٿا ۽ پوءِ هميشہ وانگر دل ۾ سانديل سنڌ لاءِ سپنن جو ذڪر. سنڌ جي سورن جو ذڪر ڪري روئي پوندو هو پر وري اکين ۾ چمڪ اچي ويندي هئس جڏهن سکي سنڌ جو خيال ايندو هئس، هو روشن خيال هو ۽ مستقبل کان ڪڏهن بہ مايوس نہ ٿيندو هو. عابد گهر جي ذميوارين ۾ بہ سڀني کان اڳيرو هوندو هو. ڏاڍو مشغول هئڻ جي باوجود سڀني ڀاتين سان وقت ونڊڻ سندس وٽندڙ عادت هئي، منهنجي گهر تہ روز پر ادا ڊاڪٽر مبين جي گهر بہ هفتي ۾ بہ ٽي دفعا ضرور ڦيرو هڻندو هو. ننڍڙا ٻار سندس آئيڊيل- اهوئي چوڻ تہ اسان جي مشن جي تڪميل ڪرڻ وارا آئنده جا سپاهي اهي ئي آهن، اسان سڀني کي پنهنجي ٻارڙن سان پيار ڪرڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ پيار انسان کي بهادر بڻائيندو آهي. هن جا خيال ڪيڏا نہ حقيقت جو مظهر هوندا هئا. ننڍڙي ڄمار ۾ ايڏي وڏي سمجهہ مون پنهنجي دل مان اهو تصور ئي ڪيدي ڇڏيو تہ هي جذباتي نوجوان آهي هن جا ڳول بہ صاف ۽ چٽا هوندا هئا ۽ پنهنجي مقصد تائين پهچڻ لاءِ هو رستي جي سڀني ڪنڊن کي هٽائي ونندو هو. هو ٿورڙو وقت رهيو ليڪن جنهن انداز سان رهيو، اوندهہ ۾ لاٽ ٻاري ويو.

هڪ شاگرد جي حيثيت ۾ بہ عابد کي مون ڏاڍو ذميوار ڏٺو. صبح سوير ڪتاب هٿ ۾ پڇندو نظر ايندو، ادا اچ فلاڻي سائين جو ڪلاس آهي هڪ منٽ بہ دير ٿي تہ اچڻ نہ ڏيندو، دراصل هو اڪيڊمڪ اورينٽيڊ هو. بند يونيورسٽيون ۽ ڍل شاگرد ليڊر هن لاءِ هميشہ قابل نفرت هوندا هئا. ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪرڻ واري روايت خلاف هن تمام گهڻو ڪم ڪيو، نتيجي ۾ اڄ ورلي ڪو بائيڪاٽ ٿيندو آهي. هن جو اهو عقيدو هيو تہ بهتر تعليم ئي سنڌ جي سٺي مستقبل جي ضمانت آهي. اهڙا ڏاها ماڻهو ورلي ئي پيدا ٿيندا آهن. آخري ڏينهن تي عابد مون وٽ آيو. هميشہ وانگر جلدي ۾، چيو مانس ويهہ اهوئي جواب تہ ادا ڪم آهي مان تڪڙو آهيان. جڏهن ڏٺم تہ مجي نٿو انهي ڪري چيم تہ عابد يار ٻڌ مون هڪ ڪتاب پڙهيو آهي، مان ان جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ چاهيان ٿو پر..... هڪدم ويهي رهيو ۽ ترجمي

ڪان ونئي ڪتاب ورهائڻ تائين سمورو سنڌ ۾ هڪ ست ۾ چڙهي ويو. "سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ سٺي ڪتاب جو اضافو ٿيندو" سندس آخري لفظ هئا جيڪي هن مون کي چيا ۽ هر وقت اهي ئي لفظ منهنجي ذهن ۾ گهمندا آهن.

# آئي تنهنجي سار....

نواز خان زئور

هن سان پهرين ملاقات ڪٿي، ڪيئن ۽ ڪهڙي حالت ۾ ٿي؟ سو چٽيءَ طرح ياد نہ اٿم، يادن جي آڪاش تي ويسر جو هلڪو ڪوهيڙو تہ ڇانيل آهي. جنهن جي آرپار ڪجهہ ڏنڌلڪو آهي، نظر گهڻو پري نہ ٿي وڃي، پر تڏهن بہ لڳي ٿو تہ اسان جي پهرين ملاقات ڄامشوري جي خوبصورت ماحول ۾ ٿي. ائين پوءِ آهستي آهستي دوستي وڌندي ويئي. شاگرد سياست جي سرگرمين سبب جلدي جلدي ميل ملاقاتون ٿينديون رهيون ۽ پوءِ اٿڻ ويهڻ پڻ ٿي ويو. پوءِ اهو ڄامشورو هو. اسان هئاسين. ڪچهريون هيون، وڏا ٽهڪ هئا، جساف جون گڏجاڻيون هيون، مطلب تہ هر جڳهہ تي گڏ هوندا هئاسون. اڪثر ڪري اسان جي بيٺڪ سنڌ يونيورسٽي ڪالوني جي ڪينٽين هوندي هئي، هو نہ هوندو هو تہ هڪبئي کان پڇا ٿيندي هئي تہ "هو ڪونهي"؟ ڪير؟ عابد ميمڻ ايندو، اڃا آيو، ڄاڻ آيو. اڄان سندس ذڪر ئي پيو هلندو هو تہ هو اچي پهچندو هو. عابد ميمڻ جي پهچڻ سان ڪچهري نئين سر جهومي اٿندي هئي. قومي سياست، شاگرد سياست، ڄامشوري جي ماحول عشق محبت، سيني شين تي دل کولي ڳالهائبو هو. نيٺ جنهن مهل ڳالهائي ڳالهائي ٿڪجندا هئاسون، تڏهن اٿبو هو. رستي تي نڪري تازي هوا کائبي هئي يا وري ڪڏهن آئون ۽ غلام رسول برفت ساڻس گڏ موٽر سائيڪل تي چڙهي ڄامشورو گهمندا هئاسين. علامہ آءِ آءِ قاضي جو مقبرو، سنڌالاجي، ماروي هاسٽل، سيني وٽان ڦيرو ٿيندو هو ان موٽر سائيڪل تي ڪڏهن ڪنهن ڪم ڪار سان، ڪڏهن ائين ئي فضول، تہ ڪڏهن دل بهلائڻ خاطر آوارگي بہ ڪبي هئي. ائين وقت هلندو رهيو ۽ زندگي گذرندي رهي.

عابد ميمڻ جساف جي پليٽ فارم تان شاگرد سياست ۾ سرگرم حصو وٺندو رهيو. مهراڻ يونيورسٽي ۾ جساف جو صدر بہ ٿيو ۽ پوءِ يونيورسٽي

ڊويزن جو ڊويزنل آرگنائيزر ٿيو ۽ انهي حيثيت ۾ جساف جي مرڪزي ڪميٽي جو ميمبر بڻيو.سندس اهو اڳتي وڌڻ، جساف جي پراڻي ڪلچر (ياري دوستي جي پٺماني تي عهدن جو ملڻ) جي ميراث نه، پر سندس اڻٿڪ جاکوڙ، محنت، سچائي ۽ ذهني اوسر جو نتيجو هو. عابد جي شخصيت ۾ اها وڏي ڳالهه هئي ته هو جيڪو به ڪم ڪندو هو، سو پنهنجي پوري ايمانداري سان ڪندو هو ۽ ان ڪي پايئه تڪميل تي پهچائي پوءِ ئي ان مان هٿ ڪڍندو هو. پر اڄ آئون مڃيان ٿو ته هن ڪو به ڪم پايئهءِ تڪميل تي ڪو نه پهچايو، پوءِ اهو شاگرد سياست جو هن جي حصي ۾ آيل عرصو هجي يا سندس تعليم، هو پنهين ڪي اڌ ۾ ڇڏي ويو. هن پنهنجي مٿي تي موڙ نه سجايا ۽ نه ئي هٿن تي ميندي لاتي، ته ان جي ساهه ڪي سرور بخشيندڙ سرهاڻ ماڻي، مون ڪي خبر ناهي ته ان ۾ ڪنهنجو ڏوهه آهي؟ هن جو پنهنجو؟ زندگيءَ جو؟ يا موت جو؟

اها صبح منهنجي لاءِ ڪيڏي نه منحوس ۽ اداس هئي، جنهن صبح مون اخبار ۾ عابد ميمڻ جي موت جي پيانڪ ۽ سڪتي ۾ وجهي ڇڏيندڙ خبر پڙهي هئي ۽ پوءِ پنهنجي اداس لمحن جي دوست سارنگ لوهاڻي ڏانهن هليو ويو هئس. سارنگ به فقط عابد جي موت جي خبر ٻڌائي سگهيو هو ۽ انهي بعد اسان ٻنهي جي وچ ۾ خاموشي جي نه ٽٽندڙ ديوار ڪڙي ٿي وئي هئي. ڄامشوري پهتو هئس ته دوست، ان ماڻهو ڪي جنهن جي ٿهڪن ۽ مُرڪن جا اسان مداح هئاسين، مٽين ڍير مٿيءَ هيٺ ابد جي ننڊ سمهاري آيا هئا. اڳي ته عابد ڪي گهران به وڃي جاڳائيو هو، پر هو اڄ ڌرتي ماتا جي وشال گود ۾ آرامي آهي. مٽي ماءُ هن ڪي لوليون ٿي ڏئي ۽ هن ڪي هاڻي ڪير ٿو جاڳائي سگهي!؟

پر اڄ به مختلف دوست عابد جو ذڪر ڪندا آهن ته ان ئي حجت ۽ چاهت سان، جيڪا هن جي زندگي ۾ هوندي هئي. هو ڪو نه آيو؟ ڪير.... عابد ڪمينو، پيو ڪير ۽ انهي وقت ائين لڳندو آهي، ڄڻ هو ڪچهريءَ مان هينئر اٿي گهر ويو آهي ۽ اڄهو آيو.

آئي تنهنجي سار ائين جيئن مڱري جي مهڪار-

او يار!

او پرڏيهي!

عابد! آئون تنهنجو وڏو ڏوهاري آهيان، جو سنبرڻ جي باوجود نہ توکي محبوب جي نيڻين جهڙي ڪينجهر گهمائي سگهيس ۽ نہ ئي ڪڏهن گهر وٺي هلي امان جي هٿن جي پچايل ماني کارائي سگهيس. پر آئون تہ تنهنجي ڄامشوري مان لڏي وڃڻ ڪانپوءِ دادو ۾ تنهنجي نئين گهر ڪي بہ نہ ڏسي سگهيو آهيان. شايد مون ۾ ايتري جرئت بہ ناهي.

اهو بہ سچ آهي عابد تہ آئون تنهنجي وڇوڙي ۾ ہہ لڙڪ بہ لاڙي نہ سگهيس.

راڻو ائين نہ روءِ، ڳوڙهو جيئن ڳل ڳڙي!

پلا ايڏو اتاهہ درد ٻن لڙڪن ۾ ڪيئن ٻاهر اچي سگهي ها!؟ اهي لڙڪ جيڪي نيڻن مان نہ لڙي سگهيا، اهي رت جو روپ وٺي منهنجي دل تي ڪريا آهن ۽ دل جي ڪنهن ڪنڊ تي هڪ نالو نقش ڪري ويا آهن، جيڪو آهي عابد ميمڻ! ۽ اهو نالو دل جي ان ڪنڊ تي تاحيات نقش رهندو ۽ وقت جي ڪابہ وير ان نالي جي نقش کي مٽائي نہ سگهندي.

# سندس پارَيل لاٽ شال نہ اجهامي.

محمد يوسف جويو

هر انسان ۾ هزارين خوبيون هونديون آهن پر ڪي اهڙا انسان ٿورائيءَ ۾ هوندا آهن جن ۾ هڪ ئي وقت ڪوڙ ساريون خوبيون هونديون آهن. عابد ميمڻ اهڙن املهہ ماڻڪن مان هڪ هو. هي وچولي طبقي جو نوجوان زندگيءَ جي ابتدا ۾ ئي قومي سياست سان سلهاڙجي ويو جنهن جي ڪري هن جون صلاحيتون وڏيڪ چمڪي ۽ ايري آيون. مون کي ياد ٿو اچي تہ هڪ دفعي اسان سڀ ٽنڊو محمد خان پارٽي جي ڪنهن جلسي ۾ شرڪت لاءِ وڃي رهيا هئاسون تہ عابد مون سان لطيف جي بيت بازيءَ جو مقابلو ڪيو ۽ سنا سنا بيت پئي ٻڌايائين جنهن ڪري سڄي گاڏي (ٽرڪ) ۾ ويٺل سنگتين جو ڌيان اسان ٻن ڄڻن ڏي ٿي ويو ۽ سفر جي بہ ڪا خبر ڪا نہ پئي. يا وري ڪٺي سياسي بحث ۽ سماجي ڪمن ڪارين ۾ ڀرپور حصو وٺڻ اسان سڀني جو دلچسپ مشغلو هوندو هو جنهن ۾ عابد اسان سڀني سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ڪم ڪندو هو پر ڪٺي هو اسان کان بہ ٻہ رتيون اڳتي هوندو هو.

ٻالڪ منڊل جو بنياد وجهي ٻارن جي ذهني نشوونما ڪرڻ ۽ انڊيا جي اديبن کي آجياڻو ڏيڻ يا وري لطيف سنگت جي ٻارن جي قدم قدم تي رهنمائي ڪرڻ، اهي عابد جون خصلتون هيون جن جي ڪري سنڌيونيورسٽي ڪالونيءَ ۾ هن جي منفرد حيثيت هوندي هئي ۽ اڄ بہ يونيورسٽي ڪالونيءَ جي رستن تي سندس قدمن جا نشان اها گواهي ڏئي رهيا آهن تہ هن ترقيءَ سان پيار ڪيو هو ۽ وفاداريءَ سان جدوجهد ڪرڻ جو قسم کنيو هو.

انسان ۾ خوبين سان گڏ ڪي خاميون بہ هونديون آهن ۽ مان هن جي هر خاميءَ کي هڪ ساٿيءَ جي حيثيت ۾ قبول ٿو ڪريان ڇاڪاڻ تہ اسان غلام سماج جي پيداوار آهيون ۽ غلام سماج جي پنهنجي هڪ الڳ نفسيات

ٿيندي آهي جيڪا هر فرد تي پنهنجو اثر ڏيڪاريندي آهي اسان به ان سماج جي پيداوار آهيون لازمي آهي ته ان جي خامين جو اسان تي به اثر هوندو عابد انهن ڳالهين کي سمجهندو هو ۽ ميجيندو به هو.

وقت جي وير ۾ سڀ ڪو ٻڏي ويندو آهي پر ڪي اهڙا طوفان وقت کان اڳ ايندا آهن جيڪي ڪنهن جو گهر ته ڪنهن جو خواب تباهه ڪري ويندا آهن ۽ هت به وقت جي اهڙي وير وري جو اسان جو عابد انهن جي چولين ۾ اجل جو شڪار ٿي ويو ۽ پوءِ ڪنهن جا خواب ٽٽا ته ڪنهن جو گهر....

چوندا آهن ته ڪنهن کي صحيح خراج تحسين پيش ڪرڻو هجي ته انهن جي سٺن (عمل) اصولن تي عمل ڪجي اسان به عابد جي اهڙن چڱن عملن جي پنيرائي ڪندي اڄ انهن تي عمل پيرا آهيون. مان سمجهان ٿو ته اسان سڀ رڳو پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪيون ته هن سماج ۾ گهٽي تبديلي اچي سگهي ٿي ۽ اهي عابد ۽ سندس ساٿين جا خواب آهن جنهن کي ڪا به وقت جي وير ۽ سمنڊ جو طوفان ٻوڙي ۽ تباهه نه ٿو ڪري سگهي ۽ سندس ساٿين جي ٻاريل لاٽ شال نه اجهامي اها اسان جي دعا آهي ۽ اها اسان جي شعوري ڪوشش پڻ آهي ۽ هو اسان جي دلين ۾ سداحيات رهندو ڇو ته هو سدائين حق جو محافظ رهيو.

# اوهين ياد آيا تہ ڳوڙها ڳڙي پيا

**صاحب خان نوحاڻي**

وٽن جي ٽڙن تي لڪيا پاڻ نالا
اهي ڪنهن مٽايا تہ ڳوڙها ڳڙي پيا
اوهين ياد آيا تہ ڳوڙها ڳڙي پيا

22 فيبروري جو ڏينهن اهڙو نياڳو ڏينهن آهي، جنهن ڏينهن ڄامشورو جي مست هوائن ۾ اسان جي زندگيءَ ۾ هڪ اهڙي حادثي جنم ورتو، جيڪو زندگي ڀرڳهاءُ ڀرجي نہ ٿو سگهي. هن ڏينهن تي 22 ورهين تائين زندگيءَ جي هر ڏک سک ۾ ڀائيوار رهندڙ، سنگت جي سهڻي، اڏول، بهادر ۽ قومي تحريڪ جو سورهيہ ڪارڪن عابد ميمڻ اسان کان جسماني طور جدا ٿيو، جڏهن تہ روحاني طور هو هميشہ اسان سان گڏ رهندو.

عابد ميمڻ هڪ سرگرم سياسي ۽ سماجي ورڪر هو، سنڌ جي قومي قافلي جو بهادر ڪارڪن هئڻ سان گڏ بي انتها پيارو دوست پڻ هو، ڄامشوري جي شوخ هوائن ۾ عابد جا ٽهڪ ۽ ڪڏهن ڪڏهن محبوب جي بي رُخي جا سڏڪا صدين تائين پڙاڏو پئدا ڪندا رهندا ۽ عابد جا دوست سندس ٽهڪ ٻڌي، سندس اڻ اعلانيل ۽ بي وقتائتي وڇوڙي جي احساس کي زندگي ڀر وساري نہ سگهندا. ڄامشوري جي پٿريلي ڌرتيءَ تي قومي تحريڪ ۾ ڪيترائي سرگرم ۽ انموت ڪارڪن پئدا ٿيا ۽ ٿيندا رهندا، انهن ۾ عابد ميمڻ بہ هڪ بهادر ۽ سچو نوجوان هو، ان جي مقصدن سان سچائي ۽ ان جي حاصلات لاءِ سندس جدوجهد ڪنهن کان بہ ڳجهي ناهي. سندس دوست ۽ مخالف پڻ اها ڳالهہ تسليم ڪن ٿا تہ هن تنظيم ۽ مقصد خاطر ڪڏهن بہ زندگيءَ جي پرواهہ نہ ڪئي، زندگيءَ جون املهہ گهڙيون جڏهن ڄامشوري جا اڪثر نوجوان شوخ هوائن ۾ علامہ آءِ آءِ قاضي جي مقبري جي هنج ۾

ويهي پنهنجي زندگيءَ جا پيار پريا گيت ڳائيندا هئا. ان وقت به هو رات ڏينهن تنظيم جي ڪمن لاءِ سرگرم رهيو، جنهن جي ڪري ڪيترائي پيارا سندس اوسيئڙي ۾ رهندي، شام جو هي پهر نانءَ اسان جي ڪريو، جهونگاريندا هئا. عابد جي بي وقتائتي وڇوڙي جي ڪري نه صرف قومي تحريڪ هڪ بهادر ۽ سرگرم ڪارڪن کان محروم ٿي وئي، جيڪو يقينن سياڻي جي سنڌ لاءِ اتساهيندڙ ڪردار ٿئي ها پر سندس دوست پڻ هڪ اهڙي ياورپس ۽ دلبر کان محروم ٿي ويا. جيڪو سياسي رنجشون وساري به دوستن کي گڏ وٺي هلندو هو، سي به هاڻ چڻ ته اڌورا ٿي ويا. پر عابد ميمڻ جي زندگيءَ جا ساٿي ساٿس اڄ به اهو وچن ٿا ڪن ته زندگيءَ ۾ دوستن پاڻ گڏ هلڻ جي شروعات ڪئي ۽ اک ڇنڀ ۾ گڏ هلڻ جو رستو الڳ ٿي ويو ۽ باقي پنهنجي زندگيءَ جي آخري دم تائين ثابت قدمي ۽ مستقل مزاجيءَ سان هلندا. جڏهن ڄامشوري جي روڊن تي هلندي سنڌس، ياد ايندي آهي ته استاد بخاريءَ جا هي لفظ ذهن تي تري ايندا آهن ته:

ياد يارن جي استاد ساندي ڪٿي
زندگيءَ کان ڏکي، وقت کان ويڪري
ايتري جيتري ڪير سوچي سگهي.

## هڪ تعارف

# مرحوم عابد ميمڻ لائبريري

نورل جويو

اسان جو هي پيارو دوست هن فاني دنيا مان 22 فيبروري 1993 جي رات تي جسماني طور اسان کان ڌار ٿي ويو، پر روحاني طرح ۽ نظريي جي مقصديت جي حوالي سان هو اسان سان اڄ به گڏ آهي ۽ گڏ رهندو. هو هڪ سنئو سياسي ۽ سماجي ورڪر ۽ هڪ ٻاجهارو دوست هو، عابد ۾ ڪوڙ ساريون ذهني صلاحيتون موجود هيون جنهن جي ڪري هو هميشہ پراعتماد نظر ايندو ۽ پنهنجي قوم جو هڪ بهادر جرنيل ۽ اڙٻنگ نوجوان هو، سو سندس همسفر سائين ۽ ويجهن دوستن هن جي ڇڏيل راهہ کي اڳتي وڌائڻ لاءِ سوچيو تہ ڇا ڪرڻ گهرجي سو فيصلو ڪيو ويو تہ ڇو نہ شهيد جي نالي تي ڪا اهڙي سماجي تنظيم ٺاهي وڃي جيڪا اسان جي هن پنتي پيل قوم جي مشعل راهہ ٿي سگهي ۽ شهيد جي مشن کي بہ اڳتي وڌائي سگهجي ۽ ائين ئي "شهيد عابد ميمڻ يادگار سنگت" جو بنياد وڌو ويو ۽ ان کي وڌيڪ فعال ڪرڻ لاءِ هڪ ڪاميٽي ٺاهي ويئي جنهن ۾ هيٺين دوستن تي اها ذميواري رکي وئي

١- صاحب خان نوحاڻي

٢- سرور برفت

٣- يوسف جويو

٤- نديم ميمڻ

٥- نورل سنڌي

٦- منصور مري

٧- ولي سهارڻ

ان لاءِ وڏيڪ بهتر ائين سمجهيو ويو تہ هتي سنڌ جي مک تعليمي ادارن جي هنج ۾ پريا وليج ڄام شورو (ڦاٽڪ) تي هڪ لائبرري جي تمام گهڻي ضرورت آهي ۽ ائين شهيد عابد ميمڻ يادگار سنگت طرفان آگسٽ 93 ۾ سنڌي ادبي سنگت جي اڳوڻي مرڪزي جنرل سيڪريٽر محترم تاج جويو ڪيو. جنهن ۾ مختلف سياسي، سماجي، ادبي تنظيمن جي ڪارڪنن ۽ اتان جي ماڻهن شرڪت ڪئي.

شهيد عابد ميمڻ لائبريري ۾ هن وقت تائين تقريبن 500 سئو سياسي، ادبي ۽ تاريخي ڪتاب موجود آهن. ان کان علاوه تي اخبارون، عوامي آواز، ڪاوش ۽ ڊان، رسالن ۾ عبرت ميگزين، سنڌو، سنڌ رنگ ڊائجسٽ، سنڌ ٽائمس ۽ اردو ۾ اخبار جهان، ٻاراڻن رسالن ۾ ارڇڪ مرڇڪ ۽ مرڪ ڪراچي مسلسل ايندا آهن.

هتان جو نوجوان توڙي عام ماڻهو تمام گهڻو ۽ تمما سئو سهڪار ڪري رهيو آهي ۽ انهيءَ ڪري هن وقت تائين لائبريري جي ميمبر شپ 30 تي چڪي آهي، جنهن ۾ 20 ميمبر روز حاضر رهندا آهن ۽ گڏوگڏ هن لائبريريءَ مان علمي فائدو وٺي رهيا آهن "شهيد عابد ميمڻ لائبريري" مان اها اميد ڪري سگهجي ٿي تہ هي اڳيان هلي سٺا ذهن پيدا ڪندي ۽ هن گهٽ ٻوسٽ جي ماحول ۾ هڪ روشن ۽ چمڪندڙ چنڊ جهڙو ڪردار ادا ڪندي ۽ هن سڄي سنڌ کي پنهنجي روشنيءَ سان منور ڪندي.

شهيد عابد ميمڻ يادگار سنگت جي بنيادي ميمبرن کان علاوه ٻيا ڪي اهڙا دوست ۽ همدرد آهن جيڪي لائبريري جي ماهوار امداد ڪندا آهن انهن جا نالا هن ريت آهن.

١- محترم راشد ميمڻ
٢- محترم اعجاز ميمڻ
٣- محترم قادر بخش پلائي
۴- محترم ڊاڪٽر اشوڪ ڪمار رتناڻي
۵- محترم ساجد ميمڻ

لائبريريءَ جو ٽائيم ٽيبل هن ريت آهي ۽ روز ڊيوٽي ڏيندڙ دوستن جا نالا هي آهن.

| ڏينهن | ٽائيم | ڊيوٽيءَ تي |
|---|---|---|
| چنڇر | 4 شام کان 8رات | سرور برفت |
| آچر | 4 شام کان 8 رات | نديم ميمڻ |
| سومر | 4 شام کان 8رات | نورل سنڌي |
| اڱارو | 4 شام کان 8رات | حاجي خان سيال |
| اربع | 4 شام کان 8رات | ڪاشف سهارڻ |
| خميس | 4 شام کان 8رات | ولي سهارڻ |
| جمع | 9 صبح کان 1 منجهد | يوسف جويو |
| جمع | 4 شام کان 8رات | اوم پرڪاش پاتيا |

# توُن ننڊ ۾، توُن جاڳ ۾

## الطاف ميمڻ

حقيقت ڪان منهن نہ ٿو موڙي سگهجي پر آئون اڄ تائين پنهنجو پاڻ کي عابد جي جدائيءَ جو يقين ڏيارڻ جي سگهہ نہ ساري سگهيو آهيان. سياسي جلسو يا جلوس هجي، يا ڪا محفل يا ميڙاڪو عابد ڪم ڪار ۾ سڀني ساٿين کان اڳيرو نظر ايندو هو، هاڻي بہ اهڙيون محفلون ۽ ميڙاڪا تہ آهن پر هو ڦڙتيلو نوجوان..... ائين محسوس ٿيندو ائين تہ ڄڻ هو اتي موجود پر نظرن کان اوجهل آهي. عابد جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي هڪ ذميوار ڪارڪن جي حيثيت ۾ پنهنجون ذميواريون ڀرپور نموني نڀائيندو رهيو. هن پنهنجي فرض ۾ ڪڏهن ڪوتاهي نہ ڪئي ۽ پنهنجي ذاتي مصروفيتن ۽ ڪمن کي پوئتي رکي تنظيمي ڪم ڪار کي اوليت ڏني پر خبر ناهي ڇو مستقبل ۾ سنڌس ڪلهن تي ايندڙ اهم ذميوارين جو بار هو پنهنجن ساٿين جي ڪلهن تي وجهي ڏور هليو ويو.

عابد هميشہ چوندو هو تہ پاڻ ائين مرڻائي نہ آهيون ڪجهہ ڪري پوءِ مرنداسين پر افسوس جو موت هن کي اهو ڪجهہ ڪرڻ جي مهلت نہ ڏني جيڪو ڪجهہ هن ڪرڻ چاهيو ٿي. هو ڌرتي ماتا کي آزاد ڏسڻ وارو خواب، والدين جون آسون اميدون، دوستن جو پيار ۽ محبوبہ جي مُرڪ پنهنجين اکين ۾ سمائي ابدي ننڊ سمهي رهيو.

ننڍڙي شرارتي ٻالڪ مسرور (عابد جو پيار جو نالو) کي ذهني طور بالغ ٿيڻ کان پوءِ هن جي سنجيدگيءَ، سمجهہ ۽ شعور سنڌ و ديش جي آزادي جي جدوجهد ڪندڙ قافلي جي سپاهيءَ جي حيثيت ڏني ۽ هو انتهائي سرگرم ڪارڪن جي حيثيت ۾ ڪم ڪندو رهيو ۽ سرگرمي، محنت ۽ بردباريءَ سبب جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۾ مختلف عهدا ماڻيندو مرڪزي ڪاميٽي تائين پهتو. عابد عام نوجوانن وانگر پنهنجي مستقبل لاءِ ڪڏهن بہ نہ سوچيو، هن پنهنجو پاڻ قومي تحريڪ کي ارپي ڇڏيو هو ان ڪري هن

هميشہ انقلاب ۽ آزاد سنڌو ديش جو خواب ڏٺو.

عابد ۽ منهنجي وچ ۾ پڦاٽ ۽ ماروٽ جو رشتو هوندي بہ اسان ڪڏهن هڪ ٻئي کي ان انداز ۾ نہ ڏٺو پر هميشہ هڪ ٻئي کي دوست وانگر Treat ڪيو. هڪ ٻئي جا رازدار بہ هئاسين انهي ڪري سونهن، حسن، سادگي پيار ۽ عشق جهڙن محبوب موضوعن ۽ محبوب جي بي وفائي، دوري ۽ سماج جي ڏنب ڏيندڙ روپن تي ڳالهائيندي هڪ ٻئي کي دم دلاسا ڏيندا رهندا هئاسين. وفات کان ڪجهہ ڏينهن اڳ عابد مون کي چيو تہ "يار ڪافي ڏينهن ٿيا آهن پاڻ ڪا ڊگهي ڪچهري نہ ڪئي آهي، وقت ڪڍ تہ ڪي حال احوال ۽ صلاح مشورا ڪريون. "مون چيو تہ ٺيڪ آهي ڪو ٽائيم رکي وٺبو چڱا ڏينهن گذري ويا اهڙو ڪو موقعو نہ مليو ۽ اچانڪ هو اها ڪچهري ٻئي جنم تائين ملتوي ڪري ڌرتي ماتا جي گود ۾ وڃي آرامي ٿيو هاڻي ڪيس ڪيترائي دفعا خواب ۾ ڏٺو اٿم پر هڪ پل لاءِ ملندو آهي ۽ وري هليو ويندو آهي جڏهن گذريل پيري هن کي خواب ۾ ڏٺم تہ هو منهنجي انتظار ۾ وينو هو ۽ جيئن ئي مان هن وٽ پهتس تہ چوڻ لڳو "يار چڱو ٿيو اچي وئين مون تنهنجو ئي انتظار پئي ڪيو بس وڃڻ وارو آهيان ۽ پوءِ ٻئي ياڪر پائي روئي پياسين ۽ پوءِ هو هليو ويو. هاڻي تہ ڪافي ڏينهن ٿي ويا آهن نہ آيو آهي آئون سندس انتظار ضرور ڪندو آهيان يقين اٿم تہ هڪ پل لاءِ ئي سهي هو ضرور ايندو رهندو.

تون ننڊ ۾ تون جاڳ ۾، تنهنجي لڳن سان من مگن،

هر رات تولاءِ ٿي رڙي، هر صبح توکي ٿو سڏي.

عابد چوندو هو تہ مون ڪڏهن بہ شڪست نہ کاڌي آهي هن صحيح پئي چيو، هن کي تہ موت بہ شڪست ڏئي نہ سگهيو آهي. هو ڌرتي ماتا جي ياڪر ۾ اڄ بہ جهونگاري رهيو آهي ۽ پوتر مٽيءَ جي خوشبو هوا جي سهاري سندس آواز فضا ۾ ڦهلائي ڇڏيو آهي.

وڻي هر هر جنم وربو

متا مهراڻ ۾ ملبو

متا مهراڻ........

نالو:           عابد حسين ميمڻ
والد جو نالو   :   محمد صالح ميمڻ
جنم تاريخ:      ٢ آڪٽوبر ١٩٧٠ع
جنم هنڌ:        دادو شهر
رهائش:          سنڌ يونيورسٽي ڪالوني
آخري آرامگاهه:  دادو شهر
پرائمري:         ماڊل اسڪول سنڌ يونيورسٽي ڪالوني
سيڪنڊري:        ماڊل اسڪول حيدرآباد (١٩٨٥ع)
انٽرميڊيئيٽ:     مسلم سائنس ڪاليج حيدرآباد (١٩٨٧ع پري انجنيئرنگ)
يونيورسٽي:        ١٩٨٨ع ۾ مهراڻ انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالوجي (اليڪٽرانس ڊپارٽمينٽ) ۾ داخلا ٿيس.
جساف ۾ شموليت: (١٩٨٦)

١٩٨٦ع ۾ جڏهن ضياءَ شاهي جي بربريتي ديوَ سنڌ جي ڳوٺن ۽ شهرن تي لامارا ڏئي سنڌي قوم جو قتل عام پئي ڪيو ۽ هر طرف بارود جي بوءِ ڌرتيءَ کي پنهنجي لپيٽ ۾ وٺي ڇڏيو هو. تڏهن هن پنهنجو تاريخي فرض سمجهندي سنڌ جي قومي آزاديءَ واري جدوجهد ۾ شامل ٿيڻ جو فيصلو ڪيو ۽ باقاعدگيءَ سان جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن سٽي يونٽ سنڌ يونيورسٽي ڪالونيءَ ۾ ميمبر شپ ورتي. بعد ۾ جساف ضلعي حيدرآباد جو عهديدار چونڊيو ويو. مهراڻ يونيورسٽي ڄامشوري ۾ داخلا ٿيڻ ڪانپوءِ اُتي تنظيم کي فعال ڪرڻ لاءِ سرگرميءَ سان حصو ورتائين ۽ يونٽ جو جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو. بعد ۾ ضلعي جو صدر ۽ ان ڪان پوءِ يونيورسٽي زون جو ڊويزنل آرگنائيزر پڻ چونڊيو ويو. وفات وقت پاڻ آخري سال جو شاگرد ۽ جساف ضلعي مهراڻ يونيورسٽيءَ جو صدر هو.

عابد ميمڻ قومي تحريڪ جي تاريخ جو هڪ نہ وسرندڙ باب آهي. هو بهادر ۽ اڻٿڪ ڪارڪن هئو. جنهن تنظيمي ذميوارين کي ڇڱيءَ طرح ڄاتو ۽ نڀايو. هن هميشہ ذاتي مفادن کان تنظيمي مفادن کي اوليت ڏني ۽ پنهنجي ڦوهہ جوانيءَ کي سنڌ ۽ سنڌي قوم جي آزاديءَ لاءِ وقف ڪري ڇڏيو.

عابد ميمڻ سماجي طور بہ ڄامشوري اندر بهترين ڪردار ادا ڪيو. هو "ٻالڪ منڊل سنڌ يونيورسٽي ڪالوني" جو باني هو. جنهن جي پليٽ فارم تان ٻارڙن جي ذهني اوسر ڪندو رهيو. ان ڪانسواءِ پاڻ ڪرڪيٽ ۽ فٽبال جو بهترين رانديگر هو ۽ هن ٻين دوستن سان گڏجي "مهراڻ اسپورٽس آرگنائيزنگ ڪاميٽي" پڻ ٺاهي هئي.

٢٢ فبروري ١٩٩٣ع جي اها ڏانئڻ رات موت جي ديوَ کي پاڻ سان ڪٺي آئي. جڏهن پاڻ اسڪوٽر تي سوار ٿي پنهنجي گهر وڃي رهيو هو تہ سپرهاءِ وي تي اسٽيشن لڳ سائنس سوسائٽيءَ جي سامهون رات جي اونداهيءَ ۾ سادي ڏهين وڳي هڪ ٽيلر جي ٽڪر ۾ شديد زخمي ٿي پيو ۽ ترت طبي امداد نہ ملڻ ڪري ايل ايم سي اسپتال ڄامشوري ۾ رات جو ٢- وڳي ڌاري زخمن سان چور قومي تحريڪ جو هي بيباڪ ڪارڪن سنڌ جي قومي آزاديءَ جي حسرت پاڻ سان ڪٺي هميشہ لاءِ وڃي ڌرتيءَ ماءُ جي هنج ۾ آرامي ٿيو.

# پڙهندڙ نَسُل . پ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ "لُڙهندَڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاڙُو، پاڇوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگھجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان "پڙهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........
... ... ... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن ڪي پڙهي سماجي حالتن ڪي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني ڪي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن ڪي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن ڪي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)